
وفا جي رڻ ۾
اويس قرني

# وفا جي رڻ ۾

## اويس قرني

ڇپائيندڙ
ساحل پبليڪيشن - حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب

**اڻ واقفن جون وستيون آواز اجنبين جا،**
**هُر ڪُر حيات واري امتحان دوستين جا،**
**”تبسم“ ”وفا جي رڻ ۾“ رُلندي عُمر گذاري.**

**حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ**

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | **وفا جي رڻ ۾** |
| موضوع | : | شاعري |
| شاعر | : | اويس قرني |
| ڇاپو پهريون | : | مئي 2017ع |
| ٽائٽل ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | جهانزيب علي جوڻيجو (ساحل پرنٽر حيدرآباد) |
| ڇپائيندڙ | : | ساحل پبليڪيشن - حيدرآباد |
| ڇپيندڙ | : | ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد. 03332634650 |

**قيمت : =/300**

# ارپنا

پنهنجي پڙ ڏاڏي

**محترم حاجي محمد خان مهيسر**

جي نانءُ

جيڪي عربستان جي شهر مڪة المڪرم جي

مُقام جنت المولئ ۾ مدفون آهن.

محترم عبدالغفار تبسم

ءُ

پنهنجي نندڙي پُٽ **سلمان فارسيءَ**

جي نانءُ

**اويس قرني**

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”وفا جي رڻ ۾“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب محترم اويس قرنيءَ جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

اويس قرني نوجوان شاعر آهي. ”وفا جي رڻ ۾“ سندس شاعريءَ جو مجموعو آهي. اويس قرنيءَ جو هي چوٿون شاعريءَ جو ڪتاب آهي. هي مجموعو اويس جي غزلن تي مشتمل آهي جنهن ۾ انانوي غزل ۽ هڪ ڪافي شامل آهن. هن ۾ سموري شاعري اويس جي جذبن ۽ اُڌمن جي ترجماني ڪري ٿي.

هي ڪتاب **ساحل پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ساحل پبليڪيشن جي سرواڻ مانواري مور ساگر جوڻيجي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| • | مهاڳ | عبدالغفار ’تبسم‘ | |
| • | مور ماڻهو | عباس علي ڪنير | |
| • | جيئڻ مون ڏنو | ڪامل امداد جتوئي | |
| • | اويس قرني مثالي شاعر | حڪيم پريم چاندواڻي | |
| | سر سسئي آبري | ساجد علي ”ساجد“ | |
| • | پنهنجي پاران | اويس ”قرني“ | |
| | **غـــزل** | | |
| 1. | مولا مدينو بيهر تون ڏيکار | | |
| 2. | سونهن ۽ سچ جو سردار آ، سهڻو سچل | | |
| 3. | شعر نوان مان چوندو آهيان | | |
| 4. | خوشبو تنهنجي آئي گلابن جي واس ۾ | | |
| 5. | دل تي چوي پئي رات ٽِڪي | | |
| 6. | مون لاءِ پيارڻ ڪي سهڻا سجايو | | |
| 7. | اي سنڌ تنهنجي سونهن ڪي سلام آ | | |
| 8. | ايڏا، ايڏاوَ نہ ڏي دل ڪي، جو چُور چُور ٿي نہ وڃي | | |
| 9. | ويو دل ڪسي سهڻو چاهہ ۾ آهي | | |
| 10. | سامهون جاني اچي شهر نچي ٿو | | |
| 11. | چڙي رڻ ۾ مونکي هلندا هليا ويا | | |
| 12. | توکي ڏسڻ لئہ مان رلندو رهيس وفا جي رڻ ۾ | | |
| 13. | سنڌ سونهاري جي آس آهي مهراڻ | | |
| 14. | مولا مدنيو بيهر تون ڏيکار، | | |
| 15. | سونهن ۽ سچ جو سردار آ، سُهڻو سچل، | | |
| 16. | شعر نوان مان چوندو آهيان، | | |
| 17. | خوشبو تنهنجي آئي گلابن جي واس ۾، | | |
| 18. | دل تي چوي پئي رات ٽِڪي، | | |

| | | |
|---|---|---|
| .19 | مون لاءِ پاڻ کي سهڻا سجايو. | |
| .20 | اي سنڌ تنهنجي سونهن کي سلام آ. | |
| .21 | ايڏا، ايذاوَ نہ ڏي دل کي، جو چُور چُور ٿي نہ وڃي. | |
| .22 | ويو دل ڪسي سهڻو چاهہ ۾ آهي. | |
| .23 | سامهون جاني اچي شهر نچي ٿو. | |
| .24 | ڇڏي رڻ ۾ مون کي هلندا هليا ويا. | |
| .25 | توکي ڏسڻ لئہ مان رلندو رهيس "وفا جي رڻ ۾" | |
| .26 | سنڌ سونهاري جي آس آهي مهراڻ. | |
| .27 | ٽوپي اجرڪ پائي اچجو. | |
| .28 | تون نہ هيئن تنهنجي وري ياد آئي. | |
| .29 | ويران ڳوٺ ڳليون ويران رستا آهن. | |
| .30 | راهہ ۾ هلندي رستا ڳالهائن ٿا. | |
| .31 | ڏسو سونهن کي ڪيڏي نہ مستي آ. | |
| .32 | هن چيو تہ ڏاڍو ڪو رولاڪ آهين. | |
| .33 | سنڌ منهنجي اَمر آ. اَمر ئي رهندي. | |
| .34 | تنهنجي پيار جي آڳ دل اندر مچندي رهي ٿي. | |
| .35 | منهنجي اکين جو آر، اهو نٿو سمجهين؟ | |
| .36 | توکي وساري وساري ڪيئن ڇڏيان. | |
| .37 | رات جو پوين پهر، تنهنجي جدائيءَ ۾ ڪيم جاڳ اَلا. | |
| .38 | ٽري منهنجا مارو ڏکايل آهن. | |
| .39 | سڄڻ منهنجو ڏاڍو حسين آ. | |
| .40 | سونهاري سنڌ جو شان آ. عثمان مروندي. | |
| .41 | ياد تنهنجي ۾ هي منهنجي دل ٻُلاٽيون کائي ٿي. | |
| .42 | هوءَ دل کي پلي جيان اُيا جهير ڏيندي وئي. | |
| .43 | نيڻ خوابن ۾ توکي ڏسندا رهن ٿا. | |
| .44 | تنهنجون يادون دل ۾ چين هر وقت. | |
| .45 | تنهنجو چهرو چنڊ جي چانڊاڻ آ. | |

| | | |
|---|---|---|
| .46 | محبوبن جا چال چڇڪا سنيااليا نہ ٿا ٿين. | |
| .47 | تون آهين ڪٿي اوا پرين تو لئہ نڪرن ساروڻ اندرمان . | |
| .48 | توريءَ منهنجي ڪين سري ڙي ساجن. | |
| .49 | ڏاڍي سُنِي سهڻي موسم آ پياري، هيڪر اچي تون سار تہ لهين ها. | |
| .50 | تڙيو آدم بهشت مان، آدم خدا حافظ. | |
| .51 | حسينائون پنهنجا سُور پاڻ ۾ سَلينديون تہ هونديون. | |
| .52 | درد هي پنهنجا لڪائي مرڪڻو پوندو بہ آ. | |
| .53 | تو منهنجي زندگي اُجاڙي آهي صنم. | |
| .54 | تنهنجي پيار جي باهہ اندر ۾ سچڻ پڙڪي آ. | |
| .55 | تنهنجا ناز نخرا وڻن ٿا پيارا هِن. | |
| .56 | شهر ۾ ڏاڍو گوڙ ۽ گمسان هيو. | |
| .57 | نيڻ تنهنجا پيچرا تڪيندا هن روزانہ پرين. | |
| .58 | تو سان پيچ پيار جا منهنجا پختا آهن پيارا. | |
| .59 | عجب عشق هن ساڻ منهنجو لڳي ويو. | |
| .60 | سدائين ساٿ تنهنجو ۽ حوصلو گهرجي. | |
| .61 | سهڻو جي اچي اڱڻ سرهاڻ چو نہ ڪجي. | |
| .62 | مُرڪ مِنڙا مند مَنَ مُرڪي پرين. | |
| .63 | سُورن جي انبارن سان جنگ جوتي رکٽي آ. | |
| .64 | سنڌ مٿان پروان هيو راشد مورائي. | |
| .65 | سنڌ واسين جو سرواڻ آ، سرمست. | |
| .66 | پرين تو سان منهنجو پڪو پيار آ. ستارن کان پڇجانءِ. | |
| .67 | تو سِوا چڪڻ آهي زندگي. | |
| .68 | ڏات جي ديوي آئي اڱڻ تي سهڻو روپ ڌري. | |
| .69 | اوا مَدَ پيارڻ واري ٿورو آهستي آهستي هَل. | |
| .70 | سچو ڏيان منهنجو تنهنجي مَچ تي هو. | |
| .71 | سدا منهنجي هوءَ روبرو هوندي آ. | |
| .72 | هو ڏس درياهہ جا ڪيڏا نہ سهڻا ڪنارا ٿا لڳن. | |

| | | |
|---|---|---|
| .73 | تو کان سواءِ ڏاڍو لچان ٿو مان، | |
| .74 | مان ته حسينن جو غلام آهيان ۽ دل محبت واري، | |
| .75 | پرين تنهنجي محبت مون لئہ مٺي ماکي مثل آ. | |
| .76 | ڏسي حُسن تنهنجو ٿي دل مست الست آ پيارا. | |
| .77 | ڪرڻ ديدار تنهنجو ئي ايندو آهيان تو وٽ مان، | |
| .78 | جيئن تون مرڪندو آهين گلابن جون پتيون ڇڻن ٿيون، | |
| .79 | تون هجين مان هجان چار چانڊوڪيو | |
| .80 | دهشت جو راڪاس سر عام، اَمن ڪِٺي آ. | |
| .81 | او! سهڻا هيڏي پيار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر، | |
| .82 | توکان سوا، رُلي زندگي وئي، | |
| .83 | تنهنجو چهرو صفا حسين مهتاب آ. | |
| .84 | تنهنجو ساروڻيون وسارڻ ڏاڍو ڏکيو آ. | |
| .85 | تنهنجي ساهن ۾ جو ڏاڍو هُڳاءُ آهي، | |
| .86 | اسان جي پيار جا هوڪا، جت ڪٿ هُليا هِن، | |
| .87 | سنڌ سموري سون پري، سينگار مرشد گهوٽ لطيف، | |
| .88 | شاعرن جو سرموڙ شاعر آ، مرشد گهوٽ لطيف، | |
| .89 | هُوءَ ڏاڍو اُداس هُئي، جائي پائي | |
| .90 | هو سهڻو دِل لئہ سهارو آ، هر دم، | |
| .91 | تنهنجي آهي مست جواني واهہ ڙي اوهہ، | |
| .92 | وقت جي گهڙي ايڏي مُنجهيل ڇو؟ | |
| .93 | سدا منهنجي هوءَ روبرو هوندي آ. | |
| .94 | هو الائي جي چڙيو آ. ڳالهہ آئي پائيءَ تي. | |
| .95 | وڙهي وڙهي نيٺ ٿهي ويندا سين. | |
| .96 | ڪنڌڙي وچان موتين جيان تہ پوءِ سَهيڙي ڇڏ، | |
| .97 | تو سان جيئڻ مون اک ملائي، | |
| .98 | منهنجي محبوب جهڙو ڪنهن جو بہ سينگار نہ آ | |
| .99 | بيٺو آهيان مان تنهنجي انتظار ۾، (ڪافي) | |

مهاڳ

# خوشبو تنهنجي آئي گلابن جي واس ۾

اويس قرني نوجوان شاعر آهي. ”وفا جي رڻ ۾“ سندس شاعريءَ جو مجموعو آهي. اويس قرنيءَ جو هي چوٿون شاعريءَ جو ڪتاب آهي. هي مجموعو اويس جي غزلن تي مشتمل آهي جنهن ۾ اٺانوي غزل هڪ ڪافي شامل آهن. هن ۾ سموري شاعري اويس جي جذبن ۽ اُڌمن جي ترجماني ڪري ٿي. غزل تي اڄڪلهه جا نوجوان ڏاڍا نوان نوان تجربا ڪري رهيا آهن. جن ۾ هو ڪامياب به ويا آهن اهڙن نوجوانن ۾ اويس قرني به شامل آهي. اويس پنهنجي غزل ۾ ڪافي خوبصورت سٽون لکيون آهن. جيئن:

خوشبو تنهنجي آئي گلابن جي واس ۾،
روح تنگيل ئي رهيو ڏِسڻ جي آس ۾.

شاعري اها سُٺي جا عام فهم ۽ سولي هجي جنهن ۾ اجائي ڊيگهه ۽ ڀاري لفظ نه هجن ڳورا ڀاري لفظ شاعريءَ کي اهو رس چس نه ٿا ڏئي سگهن جيترو سادا لفظ ڏيندا آهن.

اويس قرنيءَ جي شاعريءَ ۾ به سولا لفظ سمايل آهن جن جي ڪري هن جي غزل ۾ ميٺاج آهي.

مان ڇا تعريف ڪريان هُن جي،
جڏهن هوءَ ڪا مون لئه مهجبين آ.

اويس قرنيءَ جي شاعري ۾ سنڌ سان بي پناهه محبت جا اولڙا پُڻ مِلن ٿا. سنڌ اسان سيني جي ماءُ آهي جنهن سان محبت ڪرڻ جڏ ته انهن عهدن وفائن کي پاڙڻ آهي جيڪو اسين ماءُ جي پيٽ ۾ سنڌ ڌرتي سان ڪندا آهيون، اويس قرني سنڌ سان محبت جو اظهار هن نموني ڪري ٿو.

اي سنڌ تنهنجي سونهن کي سلام آ،
ڇا ڪيان تعريف تنهنجو اونچو مقام آ.

اويس سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبو کي جنت جي خوشبوءَ سان ڀيٽا ڪري ٿو. اها ثابت ٿي ڪري ته اسان جو اڄ جو نوجوان سنڌ سان ڪيڏي محبت ڪري ٿو.

تو ۾ خوشبو جنت جي ٿي اچي،
سنڌ جنت جو مليل نقد انعام آ.

شاعري پوءِ اها ڪهڙي به صنف ۾ ڪئي وڃي گيت هجي، وائي هجي توڙي غزل اُن ۾ جيڪڏهن تشبهه نه هوندي ته اِها ٻُسي ۽ بي جان هوندي آهي، اويس به پنهنجي غزل ۾ خوبصورت تشبيهون استعمال ڪيون آهن. جنهن سبب هن جي شاعري انوکي محسوس ٿئي ٿي، جيئن هن بند ۾ چئي ٿو.

انهن ڪارن ڪارن نانگن کي نه کول ڪٿي ڏنگي نه وجهن،
متان سائل به سِرُ ڏيڻ لئه تو مٿان منصور ٿي نه وڃي.

ڪتاب جو عنوان پنهنجي ئي غزل جي بند مان کنيو اٿس جيڪو سُٺو شگون آهي.

توکي ڏسڻ لئه مان رُلندو رهيس وفا جي رڻ ۾،
ڪِٿي آهين توکي ڳوليندو رهيس وفا جي رڻ ۾.

ثقافت ۽ تهذيب سيني معاشرن جي نشاندهي ڪندي آهي سنڌ جي ثقافت ۾ صدين جي صدا جا نقش سمايل آهن، جنهن سان محبت عين عبادت بڻجي پوندي آهي، اويس هن شعري مجموعي ۾ ثقافت لاءِ به عقيدتن مان شاعري ڪئي آهي.

ٽوپي اجرڪ پائي اچجو،
پاڻ سينگاري ناهي اچجو،
پٽڪو مٿي تي ڪهاڙي هٿن ۾،
هَٿُ هٿ سان ملائي اچجو.

اويس جيجل ٻوليءَ تي پڻ هي خوبصورت بند چيو آهي.

سنڌي ٻولي سجاڻ اسان جي،
سنڌ سان ساٿ نباهي اڇجو.

هڪ ٻي هنڌ سنڌ جي امرتا جي ساک پريندي لکي ٿو.

سنڌ منهنجي امر آ امر ئي رهندي،
منهنجي لئہ بس ثمر آ، ثمر ئي رهندي.

سنڌ جي دشمن کان اويس نفرت ڪري ٿو اهو فطري عمل آهي ڇو تہ جيڪو انسان پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت ڪري ٿو موٽ ۾ جيڪڏهن ان کي محسوس ٿئي تہ سنڌ سان ڪو نفرت ڪري ٿو تہ فطري عمل آهي تہ حساس شاعر ان تي قلم کڻي.

جيڪي منهنجي پوٺءِ جا ويري ٻڌن
سنڌ منهنجي لئہ امر آ، امر ئي رهندي.

محبتن ڀرئي اويس پنهنجي شاعري ۾ محبوب ۽ ان سان محبت جو ذڪر ڏاڍين اُتاهن لفظن ۾ ڪيو آهي.

سڄڻ منهنجو ڏاڍو حسين آ،
منهنجي دل کي پَڪو يقين آ.

پنهنجي پرين کي ايڏو تہ قريب ٿو محسوس ڪري جو هن کي پنهنجي دل ۾ ئي سلهاڙيل سمجهي ٿو.

رهندو آهي منهنجي دل اندر هو،
پرين دل جي جهروڪي ۾ مَڪين آ.

سنڌ جا ماڻهو قلندر لال شهباز سان نوسئوسالن کان وٺي محبت ڪندا اچن ٿا روايتن ۾ آيل آهي تہ قلندر لعل شهباز دهلي تي حڪمران خاندان جي دؤر ۾ وچ ايشيا جي شهر مرو مان چنگيزين جي حملي سبب هجرت ڪري افغانستان آيا اُتان ملتان ۽ آخر ۾ سيوهڻ کي پنهنجو مسڪن بڻايو پاڻ ڪِن روايتن ۾ هڪ سال هت رهيا تہ ڪن روايتن ۾ ڇهہ سال سيوهڻ ۾ رهي وفات ڪيائون لال شهباز وڏو عالم انسان هو جنهن جا ٽي ڪتاب گرامر تي ڪلهوڙن جي دؤر تائين سنڌ جي مدرسن ۾ پاڙهيا ويندا هئا قلندر

شهباز سنڌ ۾ قلندري طريقو متعارف ڪيو جنهن ۾ دمال هنئي ويندي آهي اويس قرني قلندر شهباز سان جيڪا عقيدت هن غزل ۾ ڏيکاري آهي اها ڄڻ تہ سنڌي ماڻهوءَ جي نوسئو سالہ محبت جو تلسل آهي.

سونهاري سنڌ جو شان آ، عثمان مروندي،
هِندُ ۽ سنڌ جو مان آ، عثمان مروندي.
آذر بائيجان جي مروند شهر کان کھي آيو،
سيوستان ٿيو سيوهڻ مهمان آ عثمان مروندي.

شاھہ سائين سنڌ جي عظمت جو نشان آهي شاھہ لطيف جنهن سنڌ جي ازلي محبت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پلٽيو آهي اويس لطيف کي بہ هن شعري مجموعي ۾ ڏاڍي سهڻي غزل جي بند ۾ ياد ڪيو آهي. اهو اويس جو شاھہ سان محبت جو ثبوت آهي.

شاعرن جو سرموڙ شاعر آ، مرشد گھوٽ لطيف،
رهبر سنڌ صفا ظاهر آ، مرشد گھوٽ لطيف،
ڏنائين درس مارن کي محبت ۽ انسانيت جو،
ساري انسانيت لئہ وسيلو واهر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

اويس سچل کي بہ شاعريءَ ۾ پيٽا ڏِني آهي، سچل جيڪو سچ جو علمبردار شاعر آهي جنهن جي شاعري سراپا سچ آهي سچل کي هيئنئن پيٽا ڏي ٿو.

سونهن ۽ سچ جو سردار آ، سهڻو سچل،
هر پانڌيئڙي جي روح جو قرار آ، سهڻو سچل،
ڏيندو هو سچ جو درس هر دم سائين،
ڪوڙن جو مٿان وار آ، سهڻو سچل.

اويس قرنيءَ جو مون سمورو هي شاعري جو مجموعو ”وفا جي رڻ ۾“ پڙهيو آهي، مان محسوس ڪيان ٿو تہ اڄ جو نوجوان ڏاڍي محنت ڪري ٿو آءٌ اويس قرنيءَ کي صلاح ڏيندس تہ اجا وڌيڪ محنت ڪري مطالعو ڪري ملڪي غير ملڪي شاعري ۽ ادب کي پڙهي تہ اجا شاعريءَ ۾ وڌيڪ نکار ايندس منهنجي دُعا آهي تہ رب سائين کيس وڏي ڄمار ڏي وقت سر بہ اکر

لکي ڪو نہ سگهيس جو ملڪ کان ٻاهر آمريڪا ويل هوس واپس آيس تہ هي ٻہ اکر لکيا اٿم تڪڙ ۾ شايد اوترو نہ لکيو هجيم جنهن جي تمنا اويس قرني کي هوندي پر وقت جي تيزي ۽ ڪنهن گهٽائي انسان کي مصروف ڪري ڇڏيندي آهي.

جتي ماڻهو بيوس ٿي پوي ٿو. هنن ٻن اکرن جي پُڄاڻي اويس جي ئي غزل جي بند سان ڪيان ٿو:

تنهنجي ساهن ۾ جو ڏاڍو هڳاءُ آهي،
تنهنجي نيڻن ۾ نور جو وڏو شعاعُ آهي.

**ع. غ. تبسم (نئوديرو)**

# مور ماڻهو

سنڌي ادب جي جهولي هونءَ ته نثر توڙي نظم ۾ تمام ڪشادي ۽ مالا مال آهي. پر خاص ڪري شاعراڻي ادب جي ته ڪا ڪوٽ ئي ڪانهي. اهي ئي ماڻهو جن جي من ۾ محبت، انسانيت جي عظمت ۽ پيار جهڙو پويتر جذبو هوندو آهي. سي ئي ماڻهو مٽي جا موڙ هوندا آهن. پر زندگي، وقت، حالتون صحيح فيصلو ڪرڻ جي سگهه ڪنهن ڪنهن ماڻهو کي ارپينديا آهن. جيتوڻيڪ غلط فيصلا به گهڻو ڪجهه سيکاري ويندا آهن. پر زندگي رڳو سکڻ ۽ غلطيون ڪرڻ لاءِ ناهي زندگي عظيم ۽ ناياب تحفو آهي. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ به زندگي جو حصو آهن. هر ڪوئي اجوڪي دنيا ۾ ڪو ائين ئي ننڍ مان اٿي شامل نه ٿيندو آهي. پر ماضي جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ اتي بيهي سگهي ٿو.

شاعر پنهنجي پر ۾ ڪجهه نئون ۽ بهتر ڪرڻ جي عشق ۾ رڌل رهي ٿو. شعور جي مٿانهين منزل به انسان تي ڪجهه مٿانهيون ذميواريون رکندي آهي. جن کي ماڻهو پنهنجي هاڪاري عمل ذريعي تاريخ ۾ پنهنجو نالو اڻ مٽ لڪير جيان ڇڏي ويندا آهن. جن کي نسلن جا نسل ياد ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجي عملي ڪردار ذريعي ٻين لاءِ نوان دڳ ۽ نيون راهون هموار ڪري پنهنجا حوصلا هماليه جيان بلند رکندي اڳتي وڌي بهادري ۽ بي خوفائي سان پنهنجو فرض قرض سمجهي ادا ڪري پاڻ مڃرائي وڃندا آهن.

سنڌ ڌرتي جيڪا نهايت فضيلتن ۽ برڪتن واري پوڻ رهي آهي. تنهن مان ڪيترائي هيرا پيدا ٿيا آهن. جيڪي پنهنجي عملي ڪردار سان تاريخ جا حصا بڻجي ويا آهن. اهڙن ماڻهن منجهان محترم اويس قرني به هڪ آهي. هي صاحب پنهنجي هڪ سوچ جو نالو ۽ سنهيو آهي. هن ۾ محبت جو سڏ، سمجهه، سونهن، سنسار، صدا، ساڃاهه، پيار محبت جو

سرسري جائزو سراسر سچ آهي. جنهن محبت تي افضل ۽ احسن انداز سان اپٽا رڪئي آهي. جيڪا علم ۽ پيار سان والهانہ محبت آهي.

سهڻي شاعري ۾ خوبصورت لفظ سمائڻ ئي سندس مهارت آهي. جيڪي ايندڙ ڏگهي عرصي تائين سندس شاعري ۾ پويل خوبصورت لفظ پنهنجي سونهن وڌائيندا رهندا. اويس قرني صاحب پنهنجي ذاتي زندگي ۾ جيترو مشڪل پسند آهي تہ وري ايترو سهل پسند پڻ سندس اسلوب سادو ڪنهن بہ تڪلف کان آجو نرالو يگانو آزاد ۽ گفتگو جو انداز نرالو. اهڙي خاصيت ڪنهن حقيقت پسند ۽ سيڪيولر ذهن جي عڪاسي ڪري ٿي.

سندس هر شاعري منجهان طبيعت جي نواڻ پسنديءَ جو نمونو نظر اچي ٿو. هن جي شاعري ۾ اجائي ورجاءَ ۽ بي مقصد لفظن يا سٽن جو نالو نشان ئي نٿو ملي. هن جي اندر اچل لفظن کي زندگي ڏئي ٿي. غور سان پڙهڻ وقت سندس شاعري جي لفظن مان مشڪ ۽ گلاب جي مهڪ محسوس ٿئي ٿي.

ڪنهن بہ سٺي شاعر جي خوبين ۾ مشاهدي جي گهرائي جي خوبي وڏي اهميت رکي ٿي. جيڪا هن شعري مجموعي **"وفا جي رڻ"** ۾ موجود آهي. شاعر جو مشاهدو جيترو تيز تر ۽ گهرو هوندو تہ اهو پنهنجي شاعري ۾ اوترو ئي گهرا عڪس چٽي سگهندو آهي. هڪ تيز فهم ۽ اجري اک واري، شاعر جو ذهن فطرت جي هر عڪس ۽ اولڙي کي محفوظ ڪري ٿو. هونءَ بہ هر ماڻهو جو ذهن وهندڙ پاڻيءَ مثل هوندو آهي. پر عام ماڻهو شين، حالتن ۽ محسوسيات کي ائين نٿو ڏسي يا محفوظ ڪري جيئن هڪ شاعر يا مصور پرکي ۽ پروڙي ٿو. شاعر جي اظهار جي سگهہ الڳ نموني جي هوندي آهي. جيئن تہ فطرت جي حقيقت هر ماڻهو ائين بيان نہ ڪري سگهندو آهي جيئن ڪو سگهارو شاعر. ڇو تہ شاعر وٽ مشاهدو ۽ شاعراڻو ڏانءُ گڏجي ٿو تہ لفظن ۾ اهڙا عڪس ۽ احساس شامل ٿي وڃن ٿا جو اهي هر پڙهندڙ کي ڏاڍا پيارا لڳن ٿا. اويس وٽ بہ اها مشاهدي جي سگهہ ۽ قوت آهي جنهن ڪري ان جي شاعري ۾ عڪسيت جا عجيب جهان نظر اچن ٿا.

هر شاعر وٽ سونهن، محبوبيت ۽ محويت جي حوالي سان خيالن جي

تال ميل جدا جدا هوندي آهي. ان حوالي سان اسان جو دوست روايتي انداز ۾ معصوميت جي احساس کي سڏڪندي بيان ڪيو آهي. سندس شاعريءَ جي هر پهلو پاسي کي ائين چٽو ۽ پڌرو ڪري پيش ڪيو آهي. جيئن سج جي اُجري روشني ڪندي آهي. جيڪو پڙهندڙ کي سولو ۽ سرل محسوس ٿئي ٿو. اڄ جي هن نئين دؤر ۾ جڏهن هيءَ دنيامحبتن، ۽ منافقتن سان ڀرجي وئي آهي. تڏهن اهي ئي مور ماڻهو آهن جيڪي ويسر جي وَرِ چرهي ويل ماڻهن جي ڪٿائن کي ورنائن ٿا.

**عباس علي ڪنير**

ميهڙ

# جيئن ڏٺو مون

”عاشق زهر پياڪ وِهہُ ڏسي وهسن گهٽو“

عاشقن جا پنهنجا روپ ۽ مزاج هوندا آهن. شاعرن جا بہ تيئن پنهنجا روپ ۽ مزاج ٿين ٿا. اهڙومزاج ۽ روپ رکندڙ ”اويس قرني“ بہ عاشقاڻي طبيعت وارو شاعر آهي. سندس شاعري پنهنجي منفرد مزاج واري سرجيل آهي. هر ويڙهو ۽ بين جَتَنِ شاعرن وانگر تاندبن تي ماتم ڪرڻ جو بہ حيراڪ نہ آهي.

سادڙن سولڙن لفظن ۾ پنهنجي شاعري ۾ محبوب سان محبت ۾ مخاطب ٿيندو رهيو آهي. محبت جو اظهار اهڙي حسناڪي واري انداز سان ڪيو آهي. جيئن ڪو عاشق پنهنجي مَن گهرئي معشوق جي سامهون ويٺو هجي ۽ ان جي هر اَدا تي موهجي قربان ٿيندو هجي.

هونءَ بہ تہ هر هڪ شاعر جا پنهنجا گهيڙ ۽ گس، لاڙا هوندا آهن. ”اويس قرني“ بہ انهن گهيڙن ۽ گسن تان ضرور گذريو آهي تنهنڪري سندس شاعري ۾ بہ پنهنجا لاڙا ۽ ترڪيبون نمايان نظر اچن ٿيون.

هن وٽ درد آهي تنهنڪري ٻئي جي درد کي محسوس ڪري وٺي ٿو. هن وٽ پيار آهي تنهنڪري ڌرتي جي سونهن کي پيار مان ڀَسي ٿو. هن وٽ سادگي آهي تنهنڪري سادڙن سٺن دوستن سان دوستيءَ جو ناتو نڀائي ٿو. هُنَ وٽ انسانيت آهي تنهنڪري هر آدميءَ جواحترام ڪري ٿو. هن وٽ شعور آهي تنهنڪري پنهنجي حال آهر شاعري سَرجي ٿو. هي اهلِ عِلم آهي تنهنڪري هر ادبي محفل ۾ اڳيان اڳيان نظر ايندو آهي.

اهي سيئي خوبيون سندس شخصيت کي نکارن ٿيون ان ڪري ئي اويس قرني ”اويس قرني آهي“

**ڪامل امداد جتوئي**

لاڙڪاڻو

# اويس قرني- مثالي شاعر

اويس قرني جيترو پاڻ محبتي ۽ منڙو ماڻهو آهي، اوترو ئي سندس شاعري موسيقيت جي مناڻ سان ڀرپور هجڻ سبب دلين تي اثر انداز ٿيڻ جي سگهه رکي ٿي، سندس شاعريءَ جي چوٿين ڪتاب ”وفا جي رڻ ۾“ ۾ موجود شاعريءَ ۾ فن فڪر سان گڏوگڏ ذات ذانءُ بدرجه اتم موجود آهي.

هن ڪتاب ۾ جذبن جي جدت به آهي ته شدت به آهي. هن ڪتاب جي ٻولي نهايت آسان ۽ نواڻ سان ڀرپور آهي. هي ڪتاب ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو ۽ دوستن کي تحفي طور ڏيڻ جهڙو آهي.

هن ڪتاب ۾ محاورا، تجنيس حرفي ۽ اهي سمورا لوازمات شامل آهن، جيڪي سٺي شاعريءَ ۾ موجود هجڻ گهرجن. اويس قرنيءَ جو فن ۽ فڪر ڏکيون منزلون طئي ڪري ان مقام تي پهتو آهي، جتي تمام ٿورڙا شاعر پهچي سگهندا آهن.

”وفا جي رڻ ۾“ طويل غزل سان گڏوگڏ ٻيا غزل به معنيٰ جي موتين سان ڀرپور آهن.

شهر ۾ ڏاڍو گوڙ ۽ گمسان هيو
هر هڪ ماڻهو هتي ڏاڍو پريشان هيو.
ڇو ٿا ڪيو رڙيون ۽ ڪوڪون اڄ،
ڇا هتي ٿيڻو ڪنهن جي دردن جو درمان هيو.

منهنجي دلي دعا آهي ته سندس شاعريءَ ۾ اڃا وڌيڪ نکار ايندو رهي ۽ سندس شمار سنڌ جي وڏن شاعرن ۾ ٿئي.(آمين)

سوا تنهنجي جڳ ۾ جيئڻ اڪيلو ڏاڍو ڏکيو آ،
جدائي جهوري ٿي تنهنجي، مونکي ماريو تنهائي آ.
جيئن تون مرڪندو آهين، گلابن جون پتيون ڇڻن ٿيون،
پرين تنهنجي مرڪڻ سان جرڪي زمين، مند مهڪي آ.

**حڪيم پريم چاندواڻي** (ڏوڪري)

# سر سسئي آبري

"پنائي جي بيت سان ابتدا ڪجي ٿي"
عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پچن،
ريس ريزاليون تن سين، ڪُجاڙي ڪي ڪن؟
مارڳ جي مَرَنِ، وڏو طالع تن جو.

ته اهڙي طرح هي محبت جو سفر ڪندي قرني جنهن منزل تي پهتو آهي. اتي ساڻس ڪا، ريس نه ڪرڻ جڳائي، هي عشق جو هڪ عظيم نسب العين آهي. محبت ۽ سڪ سندو سفر اويس قرني جي شاعري ۾ حسن، محبت، قوم پرستي، تصوف، انسان دوستي، انتها پسندي ڪان نفرت، هڪڙي وسيع ۽ عريض آزاد سماج لاءِ محبت ۽ ان جي خوش آميد نظر اچي ٿي.

ظاهر آهي، اهڙي ماحول ۾ جتي قانون، حق ۽ انصاف نه هجي، جتي روزگار لاءِ جان جي بازي لڳائڻي پوي، جتي دهشت جو راڪاس رقص ڪري اتي سماج جي حسين ترين جذبن جو ٺڪو ملهه نه آهي. هي سپنا سڀ نئين نظام ۽ انقلاب جي نويد آهن. تنهنڪري جي چئجي ته قرني انقلابي شاعر آهي ته ان ۾ وڌاءُ نه ٿيندو. هونءَ به سماج جي غير معمولي ماڻهن جو سماجي ورتاءُ Social conduct غير معمولي هوندو آهي. جنهن جي اويس جي شاعري ۾ ادبي سفر مان پلي پت حصو عشقيه شاعري، صوفياڻي شاعري ڏاڍي ڪمال سان لکي اٿس. غزل شاعري جو ڏاڍو خوبصورت عنوان آهي. جنهن تي تمام وڏن شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. اتي اويس وٽ به سجو ڪتاب موجود آهي. باقي جيتريقدر علم و فن ۽ هنر جو سوال آهي ته مون لاءِ ته هڪ سٽ لکڻ به ڏاڍي ڏکي آهي. اتي اويس جي هي ڪاوش ڏاڍي سُني اهي. وڏن شاعرن ڪان اصلاح به ڪرائي اٿس. اويس جي فڪر ۾ بغاوت به ملي ٿي ته ماري ڪردارن لاءِ ڀرپور نفرت به، جيڪا ڳالهه سماج جي تبديلي جي فڪر جي عڪاس آهي.

سنڌ جو سرواڻ آ سرمست،
موج سندو مهراڻ آ سرمست.
*_*_*
سنڌ مٿان پروان هيو راشد مورائي،
محبتون ونڊڻ ۾ مهان هيو راشد مورائي.

جيڪڏهن ائين چئجي تہ علم سماج جي تبديلي جو درس ڏيئي ٿو تہ پوءِ اسان ان ڳالهہ چوڻ ۾ حق بجانب هونداسين تہ اويس ترقي پسند تبديلي جو علمبردار آهي، اويس وٽ سيئي باغي ڪردار علامتون آهن. جنهن پنهنجي دؤر Status quo رسم ۽ رواج ۽ ظلم سان ٽڪر کاڌو. اڄ جي دؤر ۾ انهن ڪردارن ۽ ڪرپ جهڙن ماڻهن کان شديد نفرت ۽ انهن جي ڪُلي انڪار جي ضرورت آهي.

اسان وٽ اهڙي روايت سان ادب گهٽ سرجي ٿو. اويس وٽ اها روايت ڏاڍي صحتمند آهي. آئون هن کي غزل جهڙي نفيس موضوع تي لکندي هي سڀ ڳالهيون لکي وجهڻ تي آفرين ٿو پيش ڪريان. احساس ۽ سونهن تي بہ زبردست لکيو اٿس، درد تي بہ گهرو لکيو اٿس، اويس واقعي احساسن جو شاعر آهي. زمان ۽ مڪان جا معاملا بہ ڏاڍا خوب نڀايا اٿس. ٻولي بہ ڏاڍي سهڻي استعمال ڪئي اٿس. باقي ٻَلي ٻَلي جو چيهہ ڪونهي. اهڙي طرح سيئي دوست هڪجهڙا غزل پسند ڪو نہ ڪندا، هر ماڻهو پنهنجن سوچن سان مطابقت رکندڙ غزل پسند ڪندو. اهڙي طرح منهنجي بہ پسند آهي، ڪِن غزلن کي مون وڌيڪ پسند ڪيو آهي.

تو سان پيچ پيار جا منهنجا پختا آهن پيارا،
نيڻ توکي ڏسڻ جي لئہ آتا آهن پيارا.
*_*_*
سونهن ۽ سچ جو سردار آ سهڻو سچل،
هر پانڌيئڙي جي روح جو قرار آ سهڻو سچل.
*_*_*

خوشبوءِ تنهنجي آئي گلابن جي واس ۾،
روح ٽنگيل ئي رهيو ڏسڻ جي آس ۾.

*_*_*

راهه ۾ هلندي رستا ڳالهائن ٿا،
پيار پنهنجي جا قصا ڳالهائن ٿا.

*_*_*

تڙيو آدم بهشت مان، آدم جو خدا حافظ،
ملي دل، دل سان آهي، ماتم جو خدا حافظ.

*_*_*

رات جو پوين پهر تنهنجي جدائي ۾ ڪيم جاڳ اِلا،
ساري رات هئي آڪاس ۾ چندرگهَايو ماجي آڳ الا.

هو سونهان ڪين ڪي هئا، رڻ ۾ رُليا ساري رات،
مڏپي ايڏو مست ٿيا جو وسري وَڳِن ماڳ الا.

جهاڳي جهاڳيندي آئي هن جيون ۾ زندگي پوري،
ڪيترائي سمونڊ اُڪاري زندگي اُجهاڳ اَلا.

نيٺ ته وڃي پهتس مان ڪلالن جي ڪوءِ ۾،
تڙپي تڙپي وڃي پهتا منهنجا ڀاڳ اَلا.

*_*_*

هن چيو ته ڏاڍو ڪو رولاڪ آهين،
چيائين وري منهنجي عشق ۾ بي باڪ آهين.

*_*_*

تو منهنجي زندگي اجاڙي آهي صنم،
تو کهڙي ڳالهه دل ۾ تاڙي آهي صنم.

هن دلِ نادان کي تو ستايو آ ڏاڍو،
رقيبن اڳيان منهنجي دل تو ساڙي آهي صنم.

*_*_*

سهڻو اچي اگڻ سرهاڻ ڇو نہ ڪجي،
سڄڻ جي سونهن جي واکاڻ ڇو نہ ڪجي.

*_*_*

سدائين ساٿ تنهنجو ۽ حوصلو گهرجي،
تنهنجو مونکي پرڪشش سلسلو گهرجي.

*_*_*

سورن جي انبارن سان جنگ جوٽي رکڻي آ،
ڏوڙي ڏکي هي زندگي بہ ڪٽڻي آ.

*_*_*

پرين تو سان منهنجو پيار پڪو آ ستارن کان پڇجانءِ،
ڪندو توکي سدائين پيار آهيان لال ليارن کان پڇجانءِ.

*_*_*

اچي هو جڏهن اگڻ تي تنهنجي،
پيار جي آجيان ڪرڻ آهي زندگي.

*_*_*

هاڻي هي خوبصورت ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. مون وٽ Appreciation لاءِ ڦوٽو ڪاپي جي صورت پهتي. اوهان لاءِ هِن ڪتاب ۾ پڙهڻ لاءِ ڪافي مواد موجود آهي. جيڪو اوهان جي توجهہ ۽ وقت لهڻي ٿو. شاعر کي اهو ئي ڪجهہ گهربو آهي. بهرحال مان پنهنجي لکڻي جي باري ۾ ايترو چوندس تہ جيئن شيخ سعدي جي ڪتاب "گلستان سعدي" ۾ هڪڙي حڪايت آهي تہ تجربو پرکڻ لاءِ هڪ بادشاهہ پنهنجي تير اندازن کي

گھرايو ۽ پري هڪ چلو رکي ان جي وينڊ ۾ تير ٽپائڻ لاءِ چيو. سيئي تير انداز ناڪام ٿي ويا. نشان باريڪ ۽ پري هو. هڪڙو ننڍڙو ڇوڪرو جيڪو پاسي واري عمارت تي لغر اڏائڻ لاءِ آيو هُيو ۽ هُن جي بغل ۾ باراٽي ڪماڻ هئي. هُن نشان وٺي تير اڇلايو ۽ اهو تير چلي جي وينڊ مان ٽپي ويو.

بادشاهہ ان ڇوڪري لاءِ انعامن جو اعلان ڪيو. جڏهن تہ ان ڇوڪري جي پيءُ پُٽ کي هدايت ڪئي. هُن ڇوڪري اها ڪماڻ ڀڃي ڇڏي ۽ آئنده اهڙو ڪو بہ ڪم نہ ڪرڻ جو واعدو ڪيو.

**ساجد علي "ساجد" ميهڙ**

# پنهنجي پاران

وقت انسان جو حقيقي استاد آهي. وقت پنهنجي وهڪري ۾ گهڻو ڪجهه سيکاري ويندو آهي جنهن ۾ احساس، انسانيت، خلوص، محبت، همدردي، حياءُ داري، جان نثاري، تعبيداري ۽ تلقين جهڙا بيشمار جذبا آهن، انهن ئي اصولن پٺاندڙ سماج ٺهجي ٿو. ادب سماج جو آئينو ٿيندو آهي. اديب، عالم ۽ شاعر قومن جا اهي ڏاها آهن، جيڪي پنهنجي قلم ذريعي سماجي جيوت جي هر رخ کي گهرائيءَ سان پرکي پروڙي حساس دل ۽ فڪر جي نظر مان عام جي اڳيان آڻين ٿا.

شاعر جذبات ۽ احساسات جي اڻ ڏٺي ۽ اڻ ڪٿي دنيا آهي، جيڪو پنهنجي فني ۽ فڪري اظهار ذريعي بيان ڪرڻ ۽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيڪڏهن وٽن فڪري ۽ فني قوت سچي ۽ سگهاري آهي ته پوءِ سندن قلم سان ازخود هڪ لافاني ادب وجود ۾ اچي وڃي ٿو. شاعري اهڙي دنيا آهي جيڪا رڳو خيالن جي جُوءِ مان پسبي آهي شاعري جذبن جي زبان ٿيندي آهي جيڪا انسان جي جبلتن جي سچاين کي ڏيکاريندي آهي، شاعر ڪنهن به سماج جي چُونڊ ڳالهه جو حصو ٺهجي وڃي ٿو. ڪوئي به شاعر پنهنجي فڪري ۽ فطري صلاحيتن کان علاوه مطالعي مشاهدي ۽ ماحول مطابق ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ائين ئي چئجي ته شاعر سماج جو آئينو به آهي ته اثرائتو عڪس چٽيندڙ ڪلاڪار به آهي. شاعر معاشري جو ماهر سرجن به آهي ته سرجڻهار به آهي. جيڪو حقيقت جي چير ڦاڙ ڪري ٿو شاعر زندگيءَ ۾ حسناڪيون تخليق ڪرڻ جي لاءِ حسناڪيون پيدا ڪندو آهي دنيا ۾ جتي ڪا، قوم يا ڪو سماج ظاهر ٿيو ۽ ٻولي سندس اظهار جو ذريعو ٺي تڏهن جيڪا به ساهت جي رچنا ٿي، سُر ۾ هئي. شاعريءَ ۾ جذبي جي سچائي سُرَ عڪس، اهڃاڻ، علامتون، استعارا،

تجنيسون ۽ ترڪيبون ٿينديون آهن، جن ۾ حسن ۽ لطافت پيدا ڪندڙ هڪ ڏاهو شاعر ئي ٿيندو آهي.

شاعريءَ جو تعلق لفظن سان آهي، اُهي ئي لفظ آهن، جيڪي مسيحائي بہ ڪندا آهن تہ مرهم بہ بڻجندا آهن اِهي ئي لفظ آهن، جيڪي شاعر جو سرمايو بہ ٿيندا آهن. لفظ ئي ٻولي ٺاهيندا آهن ۽ شاعر ئي انهن کي سونهن بخشيندا آهن.

مون بہ پنهنجي فهم ۽ ”ذڪي نگاهہ“ سان سڀ ڪجهہ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تہ چئو طرف مايوسي ۽ پريشاني ڏٺي بيزاري نفرت ۽ نفاق ڏٺو اجڙندڙ امن امان ڏٺو هن معاشري ۾ روشن خيال ماڻهن لاءِ قيامت کان گهٽ منظر نہ آهي.

مون هِنَ ڪتاب ”وفا جي رڻ ۾“ جو نانءُ تبسم صاحب جي هن غزل کان متاثر ٿي ڪري ڪنيو آهي.

> ان واقفن جون وستيون آواز اجنبين جا،
> هُر ڪُر حيات واري امتحان دوستين جا،
> ”تبسم“ وفا جي رڻ ۾ رلندي عمر گذاري.
> (ع.غ. تبسم)

هر هنڌ مڪر فريب جهيڙي ۽ نفرت جا نغارا وڄي رهيا آهن. انهن بابت جيڪي ڪجهہ سيني ۾ سمايو سو سڀ ڪتاب جي سٽن ۾ سميٽيو پنهنجي تخليق ۾ اهڙي هڪ سٽ بہ بنهہ نہ لکي آهي، جيڪا منهنجي روح جي گهراڻ مان چيرجي نڪتي نہ هجي، ڌرتيءَ سان پيار محبت فطرت سان پيار محبت ۽ آزاد فڪر جي حمايت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو آهي. هونءَ بہ ماڻهن ۾ ذات، پات، فرقي، طبقي، مَسلڪ ۽ عقيدي جي موجودگيءَ کي ڪا بہ اهميت ڪانهي سڀ انسان برابر آهن، لهر ۽ بحر اصليت هڪ ئي آهي، ان ئي عقيدي تي ايمان هجي تہ محبت جو بنياد روحن جي اتحاد تي ٻڌل ڏسبو هن وقت بہ ڪيترائي اهڙا املهہ انسان موجود آهن، جيڪي محبت پيار سچ ايمانداري انصاف بهادري شرافت شجاعت ۽ ساڃاهہ جا مجسما آهن. بيشمار نيڪ گڻن سان انسانيت جو فخر ۽ ماڻهپي

جو مان ۽ شان آهن. ڪنهن ڏاهي چواڻي منا ٻول زبان جي سونهن، سنا ٻول ٻڌڻ ڪنن جي سونهن آهن. دليون ڪٽڻ ۽ ڪنهن کي نه رنجائڻ ئي ماڻهپو آهي، جيئين ماڻهو پنهنجي قول ۽ فعل سان سچاتو ويندو آهي، اهڙيءَ ئي ريت مون به انسان جي اهميت ۽ فضيلت جي عظيم آدرش جو درس ڏئي پاڻ سڃاڻڻ جو گس ڏنو آهي، ته جيئن ماڻهو جهالت جي دور مان نڪري علم ۽ عرفان جهڙي روشن سوچ ڏاري منزلون ماڻي سوپارو ٿي سگهي. منهنجي هن ڪتاب ”وفا جي رڻ ۾“ جو مهاڳ سنڌ جي نامياري شاعر، اديب محترم سائين عبدالغفار ”تبسم“ صاحب لکيو آهي ان جو آءٌ ٿورائتو آهيان ۽ منهنجي هن ڪتاب سهيڙڻ ۾ منهنجي پياري دوست عاشق علي ڪلهوڙو، حڪيم پريم چاندواڻي، ذوالفقار گاڏهي، انيت ڪمار مورپاني، ارشاد علي جويو سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب، عباس علي ڪنير، سنتوش ڪمار ۽ سهيل عباسي، ڪامل امداد جتوئي، هدايت بلوچ، ساجد علي ”ساجد“ مدد ڪئي جن، جو پڻ ٿورائتو آهيان ۽ منهنجو هي ڪتاب پنهنجي نظر مان ڪڍي پنهنجي قيمتي راءِ کان ضرور آگاهه ڪندا.

**اويس قرني**

**”سينڊل مهيسر ميهڙ“**

⑧

مولا مدينو ڀيھر تون ڏيکار،
زم زم جو پاڻي وري ٻہ پيئار.

پَسي روضو نبيءَ جو خوش ٿيان مان،
مصطفيٰ جي روضي ڀر ۾ تون ويھار.

آھيان مديني جو ازل کان عاشق،
منھنجي نيڻن کي تون مولا ٺار.

ڏسان جنت البقيع ٻئي نيڻ ٺاريان،
آھي پنجتن تان دل منھنجي نثار.

ھيڪر تون ڏي مال، ڌَنُ ۽ دولت،
وڃان مديني ٿَن مَن ۾ آ تار.

سڻ سڏڙا منھنجو تون صدائون،
توکي منھنجي پل پل آ پُڪار.

اويس "قرني" جو تون عرض اگھائج،
ڏسڻ روضو مديني جو آھيان تيار.

⑧

سونهن ۽ سچ جو سردار آ، سُهڻو سچل،
هر پانڌيئڙي جي روح جو قرار آ، سُهڻو سچل.

ڏيندو هو سچ جو درس هر دَمُ سائين،
ڳُوڙهن جي مثان وار آ، سُهڻو سچل.

سندس فيض سان ڪيئي فيضياب ٿي ويا،
هر سخاوت نروار آ، سُهڻو سچل.

ڪو نہ ڇڏيائين آستانو درازن مان دلبر،
دل جو دولهہ ۽ دلدار آ، سُهڻو سچل.

نانءُ جنهن سڏايو عبدالوهاب سچل سرمست،
حقيقت هر حال ۾ حيادار آ، سُهڻو سچل.

حق جي ڳالهہ ڪري ويو صوفياڻي،
سيني صوفين جو پڳدار آ، سُهڻو سچل.

هر روز صحن تي ميلا مچن ٿا ”قرني“ اويس،
هر ڪنهن جي نيڻن جو ٺار آ، سُهڻو سچل.

⑧

شعر نوان مان چوندو آهيان،
شاعر آهيان لکندو آهيان.

تون جي ملندو ناهين مون سان،
ڳوٺ سڄي کان پڇندو آهيان.

تنهنجي هڪڙي ديد جي خاطر،
راهن ۾ پيو رُلندو آهيان.

توکي جي مان ڏِسندو ناهيان،
سِڪَ ۾ سڙندو رهندو آهيان.

اويس "قرني" هيٺي ڪشتي،
تارَ مان پيو تَرندو آهيان.

⑧

خوشبو تنهنجي آئي گلابن جي واس ۾،
روح ٽنگيل ئي رهيو ڏسڻ جي آس ۾.

چنچل شوخ ادائن ساڻ ٿي سانوري،
رات مون سان ملي آن، خوابِ آساس ۾.

سنڌ ٻَرندي رهي ۽ ڇاتي ڇڄندي رهي،
پيا آهيون ڦاسي، وقت جي ٿياس ۾.

نيٺ ايندين مُون ٿيندو روح راضي،
خوشي ايندي وري هِن دل اُداس ۾.

اجارو آهيان پرين ٿئي ديدار تنهنجو،
رهي ٿو اويس ”قرني“ تنهنجي ئي پياس ۾.

⑧

دل ٿي چوي پئي رات ٽِڪي،
نٽاءِ نہ مون کان چو ٿي ڇڪي.

سامهون ڏِسي هلي ٿي وڃي،
منهن نہ مَٽاءِ مون کان لِڪي.

تون ئي عشق ۽ معشوق آن،
سِواءِ تنهنجي زندگي آهي ڦِڪي.

موسم بهار گهُلي هير آ،
سال ويا گذري تو لئہ سِڪي.

گلاب جا گل ٽڙي پيا ٻَگليءَ ۾،
منهنجي دل آ، تو لئہ ڇِڪي.

اويس ٿو توکي پل پل پڪاري،
راهہ پيو ”قرني“ نِهاري يَڪي.

⑧

مون لاءِ پاڻ کي سهڻا سجايو،
پين کي ڇڏي، مونکي گهرايو.

تو لئہ ٿو دل جا دروازا کوليان،
سچڻ سائين مونکي ڇو ٿا رُلايو.

توهان کي مِٺا ڇڏي ڪو نہ ويندس،
اوهان جي آ، مرضي پلي پيا پُلايو.

چندڊ چوڏهينءَ جون راتيون اچن ٿيون،
اچي رات رهو، يا مونکي رَهايو.

جهر جهنگ تو لئہ پيو ٿو جهونگاريان،
وڇوڙي آ، جاني، جيئڙو جلايو.

اچي ويهہُ ويجهو ديدار ٿئي ڪو
"قرني" اويس سان روح رَلايو.

⑧

اي سنڌ تنهنجي سونهن کي سلام آ.
ڇا ڪيان تعريف تنهنجي اوچو مقام آ.

تو ۾ خوشبو جنت جي ٿي اچي،
سنڌ جنت جو مليل، نقد انعام آ.

هر ملڪ جو ماڻهو هتي ٿو رهي،
بهتر دنيا کان تنهنجو نظام آ.

جنهن دروهي ڪيو آ، ڊوهہ هتي،
اُن جو برو ٿيو هر حال انجام آ.

شاهہ، سچل، سائين، سامي سڀ هِتي،
پيٺائيءَ جي در ايندو هر سنڌي عام آ.

شال ڪاڇو ٿر ۽ بررُ تنهنجو وَسي،
اهائي پچار زبان تي هوندي صبح شام آ.

هر ڦورو لٽيري سان جو ڏا وڙهن
اويس"قرني" هوشو هيمو مدام آ.

⑧

ايذا، ايذاءَ نہ ڏي دل کي، جو چُور چُور ٿي نہ وڃي،
هر هر نئون سُور نہ ڏي مونکي، دل ڪافور ٿي نہ وڃي.

محبتن جي ماريل کي تنهنجا ڏنل گهاوَ تي گهاوَ ڇا ڪندا،
دل ۾ ڏاڍو خوف اٿم تہ مون ڪان ڪو، ڪلور ٿي نہ وڃي.

اِنهن ڪارن ڪارن نانگن کي نہ ڪول ڪٿي ڏنگي نہ وڃهن،
مٿان سائل بہ سِرُ ڏيڻ لئہ، تو مٿان منصور ٿي نہ وڃي.

ڪڏهن ڪڏهن دلين جا مهمان مِيتَ بڻيو وڃن،
ڏسي روح توکي ڪِٿِ اسان جو مجبور ٿي نہ وڃي.

رندن کي سنپار تنهنجي ۽ فڪرات آ، مئڪدي وارن کي،
ٿي نہ پئي سمونڊ مئڪدو، ڪلال جي ڳُوءِ مغمور ٿي نہ وڃي.

ڏسي رقاصن جو رقص دل منهنجي هر کي پئي آ، هاڻي،
دل کي ڪيئن پليان مان، جو هُو هاڻي مَخِمور ٿي نہ وڃي.

گمنامين جي اوٽ ۾ رهڻ ڏي، اسان کي هاڻي تون،
چوري چوري ۽ لِکي لِکي "قرني" ملڻ مشهور ٿي نہ وڃي.

⑧

ويو دل کسي سهڻو چاهہ ۾ آهي،
ڪري گهر ويٺو جڻ ساهہ ۾ آهي.

صبح شام سهڻو سينگار ڪري پيو،
ڪيان ٿو نظر مان، بيٺو ٿاهہ ۾ آهي.

”مَئي مَتي مهراڻ“ ۾ جهومان نچان ٿو،
چوڻ ٿا چريو ٿيو چاهہ ۾ آهي.

ڪيو حُسن هُن جي حيران آهي،
چوڏهين جو چنڊ جڻ ماهہ ۾ آهي.

سندس ويس سهڻا پيارا پيارا،
منظر نگاري وڏراهہ ۾ آهي.

ايندو، اچڻ جا واعدا ڪري ويو،
يقين هڪ ٻئي تي ويساهہ ۾ آهي.

اويس ”قرني“ منهنجي اڱڻ تي ايندو،
رڪان ٿو مان آسرو الله ۾ آهي.

⑧

سامهون جاني اچي شهر نچي ٿو،
ٿي چانورو پرينءَ مٿان ڪکر نچي ٿو.

پير رکيائين سنڌوءَ ڪپَ تي،
”مئي مٿي مهراڻ ۾“ آ، بحر نچي ٿو.

ملڻ آ، پرينءَ جو سڀ ڪان سهڻو،
اُپَ تي ڪونجن جو وڳر نچي ٿو.

لاهي نقاب گهمي ٿو شهر ۾،
لَبِ مهراڻ ۾ سڪر نچي ٿو.

نظرن جا جيئن هڻي ٿو تير تيئن،
منهنجي دل ۾ جگر نچي ٿو.

فقير يڻائيءَ جون وايون پڙهن ٿا،
تن تنبورو ۾ تمر نچي ٿو.

چوڏهينءَ رات هن سان ڪچهري،
اي اويس ”قرني“ پهر نچي ٿو.

⑧

چڙِي رڻ ۾ مونکي هلندا هليا ويا،
سوين سُور مونکي ڏيندا هليا ويا.

ڪيم منٿون ڪيئي، رهي رات هڪ پئو،
مڃي هڪ نہ منهنجي، اٿندا هليا ويا.

هيا مالوند، ڏٺن جا تہ مالڪ،
رڍون ٻڪريون چاريندا ڪاهيندا هليا ويا.

اُتي مينهن بر تي ويون بهارون،
وڻي وڳ خوش ٿي ڪلندا هليا ويا.

آهي ٿر ۾ ڌرتي سائي چادر پهري،
پنهنجا ٻنيون ٻارا، پريندا هليا ويا.

آيو عشق، عقل ۽ هوش هليو ويو،
سيئي سنگتي ساٿي ڇڏيندا هليا ويا.

مون کي سِڪَ اويس سُمهڻ نہ ٿي ڏي،
جايون ”قرني“ جِيءَ ۾ جوڙيندا هليا ويا.

⑧

توکي ڏسڻ لئہ مان رلندو رهيس”وفا جي رڻ ۾،“
ڪٿي آهين توکي ڳولهيندو رهيس”وفا جي رڻ ۾.“

ايترو ڇو ٿو ستائين تون، مونکي او! پيارا،
توکي ڏسڻ لئہ دانهون ڪندو رهيس”وفا جي رڻ ۾.“

تو اکيان منٿون ۽ ميڙون ڪيون مون ڏاڍيون،
پوءِ بہ ڇڏي وَئين، رُئندو رهيس”وفا جي رڻ ۾.“

عشق تنهنجي ڪيو برباد ٿي ويس نڪمو آءٌ،
پوءِ بہ تنهنجي لئہ جبل جهاڳيندو رهيس”وفا جي رڻ ۾.“

تو ڪئي ناحق جدائي آهي مون کان او! سنگدل،
تنهنجي هن بي رُخيءَ ۾ تڙپندو رهيس”وفا جي رڻ ۾.“

ڇون ٿا ماڻهو مون کي هت هاڻ چريو چريو،
هن جي پيار ۾ چريو چوائيندو رهيس”وفا جي رڻ ۾.“

”قرني“ اويس ٿو تو لئہ تڙپي رڙي هت هر دم وينو،
ڪاٿي آهين تون پيارا، سوچيندو رهيس ”وفا جي رڻ ۾.“

⑧

سنڌ سونهاري جي آس آهي مهراڻ،
سنڌ واسين جو وسواس آهي مهراڻ.

سنڌؤ جي سجاڻ آهي هي ٻتيلو،
مگر آهي پياسو ۽ پياس آهي مهراڻ.

مهراڻ جي موج ۾ چنڊ جهلندو هو،
درياهہ سُڪل آ، اُماس آهي مهراڻ.

دهشت دهمان دل کي لوڏيندا هئا،
سواءِ موج جي اداس آهي مهراڻ.

سوز ۾ ورتل آ، سارو هي ساحل،
اميدن جو واس آهي مهراڻ.

اسان جو گذارو آ سنڌوءَ تي،
سنڌ وارن جو ماس آهي مهراڻ.

سدا وهي نِيل جيان شينهن درياهہ،
”قرني“ اويس چو ٿئي نراس آهي مهراڻ.

⑧

ٽوپي اجرڪ پائي اچجو
پاڻ سينگاري ٿاهي اچجو.

سنڌين جا هِتِ ميلا مچندا،
ايڪتا ڏينهن ملهائي اچجو.

سنڌي ماڻهو سهڻا سڀاجها،
خوشيون جڳ ۾ ورهائي اچجو.

سنڌي ٻولي سڃاڻ اسان جي،
سنڌ سان ساٿ نڀائي اچجو.

الفت جي زنجير ٺاهي،
هٿ ۾ هٿ ملائي اچجو.

اويس ”قرني“ خوشيون ڪنداسين،
دشمن جو جِيءُ جلائي اچجو.

⑧

تون نہ هيئن تنهنجي وري ياد آئي،
روئي وينو آهيان جو چري ياد آئي.

مان تہ رلندو وتان ٿو تنهنجي ڪري،
لڳي باھ دل تي آ، ٻري ياد آئي.

منهنجي زندگي آ، اڌوري تو ڪانسواءِ،
لڙڪ لاڙي وينس پر، تري ياد آئي.

تنهنجي يار وڇوڙي جيءُ آ، جهوريو،
مري ويندو ساڻ جو مري ياد آئي.

تنهنجي وئي آ، سَري منهنجي ڪا نہ ٿي سري،
تو وِساري ڇڏيو مون کي، سري ياد آئي.

تنهنجو عڪس اکڙين ۾ اٽڪيل آهي،
گهڙي پيار واري جا، پري ياد آئي.

آهيان افسوس ۾ ۽ سوچيان ٿو پيو،
اکين جي اڳيان هئي، سا پَري ياد آئي.

ننڊپڻ جون يادون اڪ ٻوٽ واريون،
گهمي پئي گهٽين ۾ ڇوڪري ياد آئي.

صبح سانجهي اويس درشن ٿيندو هو،
تنهنجي چاهت ”قرني“ ڪري ياد آئي.

⑧

ويران ڳوٺ ڳليون ويران رستا آهن،
هِت هُت اسان جي پيار جا هلندا قصا آهن.

پنهنجي محبت کي لڳي ڪنهن جي تہ نظر آهي،
چنين يار ويا مون کان مرڻ جا خدشا آهن.

هرڪو منهن ٿو موڙي ڇڏي دل صفا ٿو توڙي،
دشمن پراوا ناهن پر پنهنجا ئي رشتا آهن.

محبوب بنان زندگي گذاري نٿو سگهان مان،
دل ٿي وئي آ ٽوٽا، جڻ پرزه شيشا آهن.

هن دنيا جي جڻ نہ پئي ٿي ڪائي خبر،
پيار تنهنجي جا چڙهي مون تي ويا نَشا آهن.

رات ڏينهن رُلندو رهان ٿو مليا ڪو نہ آهيون،
اجا تہ آهي دُوري، وڏا ڪيئي ويڇا آهن.

رات ڏٺو مون خواب ۾ اويس ”قرني“ آيو،
خوش ڏاڍو مان آهيان جو جاڳي پيا جذبا آهن.

⑧

راهہ ۾ هلندي رستا ڳالهائن ٿا،
پيار پنهنجي جا قصا ڳالهائن ٿا.

شيش محل ۾ رهندو آهين،
آئيني اڳيان شيشا ڳالهائن ٿا.

چاهت ۾ چَپ چُرندا رهن ٿا،
اَڻ پيتيءَ جا جڻ نشا ڳالهائن ٿا.

سامهون ڏسندي منهن تو مٽائين،
دوريءَ جا جڻ ويچا ڳالهائين ٿا.

پيار تي لڳندا پهرا تہ آهن،
ماري وجهندا خدشا ڳالهائن ٿا.

سونهن تنهنجيءَ جو سلامي آهيان،
ڏسندي ڏسندي جذبا ڳالهائن ٿا.

”قرني“ اويس سان پر ۾ ويهين تو،
جڳ هي سارو رشتا ڳالهائن ٿا.

⑧

ڏسو سونهن کي ڪيڏي نہ مستي آ،
سڄڻن جي کُهڻ لئہ، هن کي چُستي آ.

اسين تہ ڪُسڻ جي لاءِ تيار بيٺاهون،
ڪيڏي تہ اسان جي سِري سستي آ.

هو ناز وِچان ٿو گهمندو رهي،
ڪيڏي تہ پرينءَ منهنجي ۾ سرمستي آ.

هو ڦندن سان مون کي ڦاسائي ٿو پر،
منهنجو مَن بہ حسن پرستي آ.

حُسن وارن جو هو سلطان آهي،
وڏي اُتم ڪا، هوءَ يار هستي آ.

اويس تہ هُن جو ير آهي ثنائي،
”قرني“ سونهن جي ڪيڏي وستي آ.

⑧

هن ڇيو تہ ڏاڍو ڪو رولاڪ آهين،
ڇپائين وري منهنجي عشق ۾ بيباڪ آهين.

مون سان تنهنجو پيار ڏاڍو آهي،
منهنجي ئي پيار ۾، تون ٿيو پاڪ آهين.

وتين ٿو ووڙيندو مون کي گهٽيءَ ۾،
تون اوشاڪن جو پرين ٿاڪ آهين.

ڇو ٿو رهين صحرائن ۾، او ڇريا نادان،
وَٽُ ڇانوَ جو پاسو ڇو ٿيو ٿاڪ آهين.

رهين تون ڇو نٿو پيار وارن سان،
تون تہ محبت جي پياري ماڪ آهين.

منهنجي عشق ۾ تون، تار ڇريو آن،
اويس "قرني" منهنجي عشق ۾ لاڪ آهين.

⑧

سنڌ منهنجي اَمر آ، اَمر ئي رهندي،
منهنجي لئہ بس ثمر آ، ثمر ئي رهندي.

مان تہ پنهنجي سنڌ جو آهيان غلام،
سنڌ مون لئہ قمر آ، قمر ئي رهندي.

اچو تہ گڏجي يار سنڌ کي بچايون،
پنهنجي ڀُونءَ بحر آ، بحر ئي رهندي.

سنڌ جهڙو خِطو ڪٿي ٻي تہ ناهي،
ڀلاري ڀُونءَ وکر آ، وکر ئي رهندي.

جيڪي منهنجي ڀونءِ جا ويري ٻُڌن،
سنڌ منهنجي لئہ امر آ، امر ئي رهندي.

اويس سنڌ جو آ، سنڌ جوئي رهندو،
”قرني“ سنڌ ڇانوَ ڇپر آ، ڇَپر ئي رهندي.

⑧

تنهنجي پيار جي آڳ دل اندر مچندي رهي ٿي،
ڪڏهن ايندين منهنجي اڱڻ دل لڇندي رهي ٿي.

اسين ٻئي آهيون هتي پيار جا مسافر سدا گڏ رهون پيا،
ڪريون پاڻ ۾ ڪچهريون، سدا دل پڇندي رهي ٿي.

تون آءُ گهمندا رهون هِن ساري جهان ۾،
ائين رهون فضا ۾ جيئن ڪونجن قطار اڏندي رهي ٿي.

محبت جي ميدان ۾ ڪڏهن ٿِي مايوس نہ ٿي جي،
اسان جي پيار کي ڏسي، ساري دنيا جلندي رهي ٿي.

جڏهن پرين منهنجي اڱڻ تي ايندو آهي مون وٽ،
هن جا جوهر جمال ڏسي دل منهنجي نچندي رهي ٿي.

جي گهڙي پل جي لاءِ هو مون کان جدا ٿيندو آ سڄڻ،
ڪاوڙ منجهان منهنجي دل ٻَر ٽپندي رهي ٿي.

اويس "قرني" محبوبن سان ايتري ڪاوڙ نہ ڪر تون،
تنهنجي اُن ورجاء سان منهنجي دل ڌڪندي رهي ٿي.

⑧

منهنجي اکين جو آر، اهو نٿو سمجهين؟
تون آهين منهنجو پيار، اهو نٿو سمجهين؟

تون آءُ تنهنجي مَست نيڻن جو طواف ڪيان،
تون آن منهنجي نيڻن جو ٺار، اهو نٿو سمجهين؟

تنهنجي ڦوهه جواني مون کي ماري ٿي،
آيو موٽي آ بهار، اِهو نٿو سمجهين؟

تنهنجي ڪري ماڻهو چريو چريو ٿا چَون مون کي،
ٿيس مان زماني ۾ نروار، اهو نٿو سمجهين؟

پيار تنهنجي جي خواري مٿي تي کنئي مون،
تنهنجي ڪري ٿيس مان خوار، اهو نٿو سمجهين؟

ڪڏهن ڪَهي ايندين تون منهنجي اڱڻ تي،
ناهي ڪو دل کي قرار، اهو نٿو سمجهين؟

تنهنجي ڪري روح رڙي ٿو دل ٿي لڇي "اويس"،
دل توکي ڇهڻ لاءِ تيار، اهو نٿو سمجهين؟

⑧

توکي وِساري وِساري ڪيئن ڇڏيان،
تو ڇيو وِساري ڇڏ مان ڪيئن مڃان.

هَر مُند ۾ نيڻ آلا آهن تنهنجي ڪري،
تنهنجي گهر جون تنگ گهٽيون مان ڪيئن اَڇان.

هن ڏکن واري جهان ۾ منهنجا سڄڻ،
توکي ڪِٿان ڳوليان ۽ ڪِٿان لهان.

تنهنجي مَست نيڻن جو شراب مَست آ،
اِهو پيار تہ مان جهومان ۽ نچان.

تنهنجي انگڙاين تان دل قربان آهي،
مان توکي پَسان تنهنجا لب چمان.

هر وقت توکي لڳل نقاب آهي،
ڏس توکي پلا مان ڪيئن ڏسان.

ڏرتتيءَ جو تو لئہ رُلندو رهان ٿو،
”اويس“ برهہ جي باهہ مان ڪيئن بچان.

⑧

رات جو پوين پَهر، تنهنجي جدائيءَ ۾ ڪيم جاڳ اَلا،
ساري رات هئي آڪاس ۾ چندرما جي آڳ اَلا.

هُو سونهان ڪين ڪي هئا رڻ ۾ رُليا ساري رات،
مڏ پي ايڏو تہ مست ٿيا جو وِسري وين ماڳ الا.

جهاڳي جهاڳيندي آئي هن جيون ۾ زندگي پوري،
ڪيترائي سَمونڊ اُڪاري زندگي اُجهاڳ اَلا.

نيٺ تہ وجي پهتس مان ڪلالن جي ڪُوءِ ۾،
تڙپي تڙپي وجي پهتا منهنجا آهن ڀاڳ اَلا.

موکي تون نہ ماندي ٿيءُ، تو تان رند گهور وڃن،
ڏي امرت اوتي رندن کي تہ جاڳن تنهنجا ماڳ الا.

هِن وِلهہ ۾ ڇيڙ تون پنهنجا هي سارا سُر،
نيٺ ڀڙڪي اُٿندا تنهنجا هي راڳ اَلا.

سسئيءَ سان ڏيرن ڪيو ههڙو ڏوکو هڪ رات،
جبل ۾ ڳوليندي رهي پنهنجو سهاڳ اَلا.

”قرني“ منهنجي آسڻ ايندا، رهندا مون وٽ رات،
خوشيون اڱڻ تي ايندیون، واري ايندیون واڳ اَلا.

⑧

ٿري منھنجا مارو ڏڪايل آھن،
صدين کان صدين کان ستايل آھن.

سدائين ٿرين سان ٿيو ڏوڪو آھي،
ڏکن ئي ڏکن ۾ اُجايل آھن.

ننڍڙا ۽ وڏڙا روز مرن پيا،
مرن مور ڏيلون ۽ گھايل آھن.

ٺَلھن آسرن مان ٿيندو پلا ڇا؟
ٿيندي نہ امداد بڪايل آھن.

منھنجي يار، مارن جي لھو سارڪا،
بکن ئي بکن ۾ ماريل آھن.

رڍون ۽ ٻڪريون ويو مال مري،
ڏُکر ۽ ڏڪار جا سُڪايل آھن.

ٿَر ۽ بَر ۾ پاڻي ٻہ ڪونھي ڪو،
ڪيئي ڏينھن کان اُجايل آھن.

ڪڏھن رحم نہ ايندو رھزنن کي،
اويس ”قرني“ مارو مرجھايل آھن.

⑧

سچڻ منهنجو ڏاڍو حسين آ،
منهنجي دل کي پڪو يقين آ.

ڪڏهن ڪڏهن ڏار ٿيندو آ،
پر لڳندو مون کي هو همنشين آ.

هو ملي ٿو روز مئه ڪدي ۾ دلبر،
پرين لڳندو منهنجو مئڪشين آ.

رهندو آهي منهنجي دل اندر هو،
پرين دل جي جهروڪي ۾ مڪين آ.

سهڻن کان وڌ آ سهڻو حَسين،
جڻ هوءَ ڪا مون لئه مهجبين آ.

مان ڇا تعريف ڪريان هن جي،
هو سمورن حسينن جو امين آ.

اويس "قرني" آ، هن جو شيدائي،
هن جي ڏسڻ سان ايندين تسڪين آ.

⑧

سونهاري سنڌ جو شان آ، عثمان مروندي،
هند ۽ سنڌ جو مان آ، عثمان مروندي.

حامي ٻہ آ، حسيني ٻہ آ، اولياء الله جو آهي،
درد ڀرين دلين جو درمان آ، عثمان مروندي.

سيوهڻ ۾ سدائين ميلا مچن ٿا اڪثر،
صوفين جي جذبن جو ارمان آ، عثمان مروندي.

آذر بائيجان جي مروند شهر کان گھي آيو،
سِوِستان ٿيو سيوهڻ مهان آ، عثمان مروندي.

دل جون مرادون کڻي ڪيئي اچن ٿا سائل،
ڏيندو تن کي دان آ، عثمان مروندي.

اچو چئن "قُلن" جي ڀيٽا ڏيون قلندر کي،
انڌن جي اڳيان شمع دان آ، عثمان مروندي.

عثمان مروندي خدا جو صالح ٻانهون آ، "اويس"،
عالمِ دين ۽ حافظِ قرآن آ، عثمان مروندي.

⑧

ياد تنهنجي ۾ هي منهنجي دل ٻُلاٽيون کائي ٿي،
تون ڪڏهن ايندين اڱڻ تي اک ”پوانٽيون“ کائي ٿي.

هيل ڇو تو دير آهي ڪئي، اچڻ ۾ ڇو پلا!
تو سوا دردن جون هي دل، روز ڇاٽيون کائي ٿي.

تون جڏهن ايندو جي ناهين ڪنهن مهل منهنجي اڱڻ،
زهر قاتل جون پري، دل منهنجي پاٽيون کائي ٿي.

تون گهمين ٿو غير سان گڏ ڇو پيو منهنجي اڳيان،
غير سان توکي ڏسي، دل هي ڦِراٽيون کائي ٿي.

منهنجي دل کي تو سٽي آهي ڇڏيو بيدرد ٿي،
جيئن ڪپهہ تنبجڻ جيان، دل منهنجي ساٽيون کائي ٿي.

تنهنجو ”قرني“ پيار تنهنجي ۾ رهي ٿو مست الست،
تنهنجي لاءِ منهنجي دل هي، سيسراٽيون کائي ٿي.

⑧

هوءَ دل کي پلي جيان اُپا جهير ڏيندي وئي،
مون کي پَڪ نہ هئي تہ سڌا جهير ڏيندي وئي.

مون تہ هر موڙ تي هُن سان نڀاهہ آ ڪيو،
مگر پوءِ بہ مون کي هوءَ خدا، جهير ڏيندي وئي.

هن منهنجي نازڪ دل کي ٽوري ڀَسم آ ڪيو،
ڪئي نہ هن مون سان وفا، صفا جهير ڏيندي وئي.

مونکي يار زماني ڏکايو آ ڏاڍو،
هوءَ بہ منهنجي دل کي جدا جهير ڏيندي وئي.

ڪري ٿي مون سان هر روز بي وفايون،
منهنجي دل کي هر دفعا جهير ڏيندي وئي.

هُن جي اَدا دل کي ڏاڍو تڙپائي ٿي،
محبوب جي هر هڪ اَدا جهير ڏيندي وئي.

ٿيو "قرني" سجڻ جي مٿان ئي قربان آهي،
ٿي دل هن مٿان ئي فدا، جهير ڏيندي وئي.

⑧

نيڻ خوابن ۾ توکي ڏسندا رهن ٿا،
تنهنجا نيڻ دل کي سڏيندا رهن ٿا.

نہ ٿيو ڳوڙهن جو هتي ڪو تدارڪ آهي،
دانهن تنهنجي هتي ڏيندا رهن ٿا.

چنڊ ڪِيهون ڪري ماتم ڪيو هو،
روح جنهن جو ظالم رهڙيندا رهن ٿا.

زندگيءَ ۾ بهارون ڪين نصيب ٿيون هن،
پاڻ ۾ روح سارا، سُور سليندا رهن ٿا.

اويس ”قرني“ آ سورن جي ٻيڙيءَ ۾ سوار،
لفظ خود بخود ٻيڙيءَ ۾ ايندا رهن ٿا.

⑧

تنهنجون يادون دل ۾ چين هر وقت،
تنهنجو هر ڪنهن ڪان پڇن هر وقت.

تنهنجا رستا نهاري نيڻ ڪين ٿڪجن،
تنهنجون راهون، اکڙيون چُمن هر وقت.

پيو تون سزائون ڏي مون کي اوا پيارا،
توکي پسڻ لاءِ نيڻ راهن ۾ کُپن هر وقت.

سوچ جي سمونڊ ۾ اُٿن جي لهرون،
توکي موتين جيان ميڙي لَپن هر وقت.

رُج ۾ ٿو رُلندو، وتان تنهنجي ڪري،
نيڻ تنهنجي ووڙ ۾ ٿا رهن هر وقت.

متان تون غير ڏانهن وڃي اوا پيارا،
غيرن سان نيڻ ڪين ٿهن هر وقت.

"قرني" مان چاهيان ٿو روز ملين مون سان،
هر هر ٿئي سدا پنهنجو مِلن هر وقت.

⑧

تنهنجو چهرو چنڊ جي چانڊاڻ آ.
جنهن مچايو ملڪ ۾ مانڌاڻ آ.

پيار تنهنجو آمنو ماکي مثل.
سونهن تنهنجي ڇا چوان سرهاڻ آ.

تو رکيو مون تي ستم آهي، روا.
مون سڱو ڇا ڇا نہ تنهنجي ڪاڻ آ.

تنهنجي نازن جو نرالو آ انداز.
منهنجي سڪ کي سا، سموري ڄاڻ آ.

صبح جو ڏسندو شفق.ڏي آ ”اويس“.
تنهنجي لبڙن جي اِها لالاڻ آ.

⑧

محبوبن جا چال چچڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين،
دلبرن جا دلين ۾ الڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

اسين تہ هنن جا ازل کان ئي آهيون عاشق،
حسينن جي پيرن جا چمڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

هوءَ جڏهن ڪارا واسينگ زلف ڇوڙي ٿي،
سڄڻ جي ڇِلڻ جا جهٽڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

هُن جون يادون دل کي نهوڙي ڇڏن ٿيون،
منهنجي روئڻ جا اُجهڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

هُو ڪاوڙ ۾ ائين لڳندو آ ڄڻ ڪو اوٺر،
پرينءَ جا ڪاوڙ مان دڙڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

جڏهن پيرن ۾ جهانجهر پائي هلندي آ،
محبوب جي جهانجهر جا ڇمڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

سندس يادون دل کي تڙپائن ٿيون پيون،
پيار جون ساروٽيون سُڏڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

دل چوندي آ محبوبن جا پيرا لڪايان،
مگر ڪوشش ڪندي بہ ليڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

پرين ڇيڙن ۾ الائجي ڇاڇا چوندو آهي،
حسينن جا يار اهي پٽڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

هو ڪاوڙ ۾ جڏهن هوندو آ، آئون ٿريو وڃان،
سڄڻ جا پاڻ کي ڏڏڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.

”قرني“ ڇو ٿو اوڇنگارون ڏئي ٿُون روئين،
”هاڻي يار سڏڪا سنڀاليا نہ ٿا ٿين.“

⑧

تون آهين ڪٿي اوا! پرين تو لئہ نڪرن سارون اندر مان،
توکي ساري ساري نڪرن، تو ڪاڻ تنوارون اندر مان.

تون چو نہ ٿو اسان کي هاڻي يار سڄاڻي هتي،
تنهنجي ڪاڻ دل مان سدا نڪرن ڪيڪارون اندر مان.

هئہ دل تہ تو لئہ آهي مستاني اوا! منهنجا پرين،
سدا تنهنجي لئہ دل جي حضور مان اچن تارون اندر مان.

پرين تنهنجو ديدار منهنجي لاءِ دوا ڪان وڏيڪ آ،
ڪنديں ڦيرو ڪڏهن، تو لئہ نڪرن ٿيون ميارون اندر مان.

سڄڻ تون ملندو ناهين ڏک ڏاڍو ٿيندو آ،
وڏن تنهنجون سارون ۾ نڪرن پڪارون اندر مان.

مون کي ياد آهين، منهنجا مٺا تون هر وقت،
پون پور تنهنجا، پڇي نڪرن پچارون اندر مان.

”اويس“ رولاڪ ٿي ويو آهي تنهنجي پيار ۾،
”اِجهي چاڻ نڪتيون اوچنگارون اندر مان.“

⑧

توريءَ منهنجي ڪين سري ڙي ساجن،
آءُ مون وٽ پنهنجا پير پري ڙي ساجن.

ڇو ٿو مون کان دور، رهين اوا پرين،
دل ٿي تو لئه هاءِ مري ڙي ساجن.

توکي ڏسڻ لئه اکڙيون آتيون هِن،
من ڪا تنهنجي واڳ وري ڙي ساجن.

ٿيا نيڻ بہ تو لئه مستا نہ هِن منهنجا پرين،
اَچُ پير پري، ٿي نہ تون پري ڙي ساجن.

سهڻن گفتن سان گلاب ڇٽيو پون ٿا،
پيارن چپڙن جو ٻڌي آواز دل ٺري ڙي ساجن.

آءُ تہ توکي پنهنجي دل جو مزمان ڪيان مان،
دل جي آڳر تي پنهنجا قدم رک هري ڙي ساجن.

هڪ وار هلي آ، پاڻهي پو تون ايندين،
”قرنيءَ“ سان ڏس پيار ڪري ڙي ساجن.

⑧

# جاڙو غزل

ڏاڍي سُٺي سهڻي موسم آ پيارِي ، هيڪر اچي تون سار تہ لهين ها،
آڪاس ۾ ٿي آهي آ گم رُت ملهاري ، ڪا گهڙي جي تون تہ ترسين ها.

روح تڙپي چيو تون مون وٽ ايندين، تانگهہ ٻڌايو تہ تون اچڻو آهين،
تنهنجي لئہ ويهي رات گذاري، ساڳيءَ مند تي يار تہ موٽين ها.

پرين منهنجي پَڪَ هئي ڏياري، تات بہ يار هيو مون کي ٻڌايو،
دِل بہ ڏني هئي ڏاڍي دِلداري جيڪر اچي تون رات تہ ٽِڪين ها.

تنهنجا رستا سارا نيڻن ٻهاريا سڪ ۾، تنهنجي لئہ دل ساز وڄايا،
اچي ڪا ڏين ها دوست دلداري ، قربن واريون ڪچهريون تہ ڪرين ها.

بي گناهہ ڪنهن سان رُسبو ناهي ، ياري رکي پوءِ هتي هٽڻو ناهي،
محبوبن کي منهن تي ڪبو آ مياري بي ڏوهي هجين ها تہ ڏنڊ وٺين ها.

تنهنجي آس ۾ ڏينهن گهاري ڇڏيا، ڪيل پنهنجا واعدا پاڙي ڇڏيا،
پرين تو سان ڇنڻي ناهي ياري ، قسمن پنهنجن کي تون تہ پارين ها.

مان جا تانگهہ تناور مُڪي تو ڏي ، شل موسم نہ وڃي جلد پهچي وڃ،
جلدي تون دلبر ڪرين ها تياري ، سهڻا منهنجي ميڙ منٿ تہ مڃي ها.

جدائي ڇڏيو آ جيءَ کي جهوري ، يار تون خوابن ۾ ئي اچين ها،
توکي ڏک لڳي ڪوڪا پاري ، ملڻ جو ڪو يار آٽت تہ ڏين ها.

ٿڌڙين هوائن آندو هوندو، منهنجي هن ساري حال جو نياپو،
خبر تو وٽ پهچي وئي ساري پيارل پهچي مون کان تہ پڇين ها.

هاڻي نہ ڏس ”اويس“ مون ڏي زندگي بچي آ باقي ٿوري،
هر چڪر ۾ آ مون بہ بازي هاري جيڪر مون وٽ هر هر تہ اچين ها.

⑧

تڙيو آدم بهشت مان، آدم جو خدا حافظ،
ملي دل، دل سان آهي، ماتم جو خدا حافظ.

منهنجو سڄڻ مون سان، مليو آهي اَڄُ،
ٿيا سارا غم دور، رنج و اَلم جو خدا حافظ.

هن جي وڇڙڻ کان پوءِ نيڻ اشڪبار هئا،
هُن جي انهيءَ سياء کان مرهم جو خدا حافظ.

ڇڏي ويو هو سُنسان راهن ۾ مون کي،
دلين جي مِيت ۽ همدم جو خدا حافظ.

اَڄ شاعري ٿيئي ٿي نالي ماتر هتي مگر،
شاعر جي شعرن مان ترنم جو خدا حافظ.

هُيا ڪنهن زماني ۾ سنڌؤ ڪناري وڏا جهنگ،
ويا وڍجي اُهي سارا وڻ، شِيشم جو خدا حافظ.

هر اک آهي هتي نَم، هر ماڻهوءَ جي، پر،
ٿئي اک نہ ڪنهن جي آلِي، پُر نم جو خدا حافظ.

جنهن کان پنهنجي ماءُ ڇني وئي هجي،
ان پياري معصوم ٻار، اَبهم جو خدا حافظ.

اويس تون پنهنجي سڄڻ جو خيال رَکُ،
”گلشن جو، گلن جو، شبنم جو خدا حافظ.“

⑧

حسينائون پنهنجا سُور پاڻ ۾ سَليندیون تہ هونديون،
ڏئي ڏوراپا هڪٻئي کي، رُوح رَليندیون تہ هونديون.

پنهنجن پيارن جون هر دَم واٽون نهاريندي،
سندن دڳ هر روز پاڻ ئي تڪيندیون تہ هونديون.

پنهنجي محبوبن جي اوسيئڙي ۾ رهن ٿيون سدائين،
ائٽ تي ريشم جو سُٽ ڳتيندیون تہ هونديون.

سڄڻ جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ سدا سانوريون،
گلابي گل هٿن ۾ جهليندیون تہ هونديون.

اُهي پرينءَ جي ديدار ڪرڻ لئہ درين جي اڳيان،
ويس ڳاڙها پائي گلابي، سِٽَ سِٽيندیون تہ هونديون.

هو مون جهڙن مسڪينن کي ڦندن ۾ ڦاسائڻ لئہ،
نوڙيون واڻ ۽ رسا، ڦندا بہ وٽيندیون تہ هونديون.

ڪري ياد مون کي ڏاڍو پوءِ روئيندیون تہ هونديون،
لِيئا پائي در ۽ درين کان جهٽيندیون تہ هونديون.

پنهنجي عاشقن جون آهون ٻڌندي پڪاري مگر،
پنهنجي عاشقن کي هر حال ۾ سڏيندیون تہ هونديون.

سندن نگاهون بہ آهن برڇيون ۽ ڀالا ڪير بچي،
”اويس قرني“ جهڙا ڪيئي سٽيندیون تہ هونديون.

⑧

دردَ هي پنهنجا لڪائي مرڪڻو پوندو بہ آ.
ستم هر سر تي سهائي جيئڻو پوندو بہ آ.

جي ڏبو ناهي تہ ڪنهن کي ڪين ڪي آ ڏڪائبو.
سينو دشمن ساڻ دلبر ساهڻو پوندو بہ آ.

سو ڪٿان وسري سگهي جنهن ساڻ گهاريم زندگي .
دل چيبي ڪائيندي ان کي سارڻو پوندو بہ آ.

هن جي مرضي آ گهرائي يا ورائي پوئتي.
انتظاري ۾ مگر ڪجهہ بيهڻو پوندو بہ آ.

جنهن ۾ ناهي ڪو وفائيءَ جو اکر ان کان پناهہ.
پر ڳچيءَ م اوچتو ڪو بي ڳڻو پوندو بہ آ.

مَٿُ ڪِٿي محبوب جو ٿيندس جو ان سان گڏ هلان.
پر وچي دلبر کي ڪاٿي ڳولڻو پوندو بہ آ.

هُو چني توکي، نہ چنڻو آهي دلبر کي اويس.
نينهن پنهنجي يار سان ڪِٿ جوڙڻو پوندو بہ آ.

⑧

تو منهنجي زندگي اُجاڙي آهي صنم،
تو کهڙي ڳالهه دل جي تاڙي آهي صنم.

هن دل نادان کي تو ستايو آ ڏاڍو،
رقيبن اڳيان منهنجي دل تو ساڙي آهي صنم.

مون سان نہ ملڻ لئہ منهنجا پرين،
پنهنجي اندر ۾ ڳالهہ پاڙي آهي صنم.

مون تي ڇو نہ ٿو تون رحم ڪرين،
ڇا لئہ منهنجي زندگي تو بگاڙي آهي صنم.

مون جيڪا توڏي قرب واري چٺي آ مڪي،
ڇا لئہ منهنجي چٺي تو ڦاڙي آهي صنم.

اڳ تہ هر روز مونکي ڏسندي رهي آن تون،
هاڻي پنهنجي نگاهہ ڇو تو لاڙي آهي صنم.

اصل کان ئي مان تنهنجو ديوانو آهيان،
اويس ”قرنيءَ“ جي دل تو واڙي آهي صنم.

⑧

تنهنجي پيار جي باهہ اندر ۾ سجڻ ٻڙڪي آ،
توکي ساري ساري تہ دل منهنجي ڏڙڪي آ.

توکي تات پڪاري ٿي هر دم سدائين دلبر،
ڏسڻ لئہ توکي منهنجي ساڄي اک ڦڙڪي آ.

هوءَ سهڻي سونهن وندي آ ڏاڍي پياري،
هوءَ ڏاڍي پياري ڪا، حسين جميل نرتڪي آ.

نيڻ تنهنجي راهن ۾ ڪُتل آهن منهنجا،
تنهنجي راهہ مون تہ هاڻي پرين تڪي آ.

چنڊ کان به وڌ سهڻي آ، هوءَ حسين پوپري،
جيئن موتين جي ڪا مالها هتي جرڪي آ.

تون لڳندي آن مون کي ڏاڍي پياري مگر،
جئن مئخاني ۾ مئه جي صُراحي ڇلڪي آ.

مان تنهنجو آهيان، تون منهنجي آهين،
هاڻي ٿورو تون مون ڏانهن سرڪي آ.

گهڻو ئي چيم دل کي ته عشق آڙاهه ٿئي،
ڪا نه مڙي دل پوءِ به وڃي هوءَ هتي اٽڪي آ.

اوچتو ئي اوچتو راهه ويندي ٿي وڀو ديدار،
مون کي ڏسنديئي ته هوءَ مون سان مُرڪي آ.

هو قلعي نما ديوارن ۾ ته قيد آ سهڻو سڄڻ،
هڪ نظر ديدار ڪرڻ جي لئه اک ته لڙڪي آ.

⑧

تنهنجا ناز نخرا وڻن ٿا پيارا هِن،
بي قرار دل لئہ اُهي ئي سهارا هِن.

تنهنجا نيڻ مست الست مئي ۾ ٻريل هِن،
نينهن واري نشي ۾ امرت ڏارا هِن.

پرين تنهنجي نيڻن جهڙا ڪنهن جا نيڻ ناهن،
آءٌ تہ انهن ۾ ڏيان ٽٻي اهڙا مئخارا هِن.

نيڻ تنهنجا چاندوڪي کان بہ وڌ آهن ٻيئي،
اُهي ساري جڳت کان بيشڪ نيارا هِن.

توکي ڏسي ٿيون منهنجون اکڙيون ٺٺڪن،
تنهنجو هڪ ديدار ڪرڻ لئہ نيڻ آواره هِن.

ڪڏهن ايندين منهنجي اڱڻ تي تون سڄڻ،
تولئہ منهنجا نيڻ سدائين اُڃارا هِن.

تون اسان جهڙن عاشقن کي گهائي وڃهين ٿو،
وَهواه وڻندا اکين جا اشارا هِن.

اکيون ٿو الارين ”اويس“ کي ٿو مارين،
جيئن پکين جي ڀڃيان هوندا بازن جا لامارا هِن.

⑧

شهر ۾ ڏاڍو گوڙ ۽ گمسان هيو،
هر هڪ ماڻهو هتي ڏاڍو پريشان هيو.

الائي ڪنهن جي نظر ڪائي وئي شهر کي،
هر انسان هاءِ گهوڙا ۽ حيران هيو.

مان پيي ويم شهر ۾ ائين لڳو،
ڄڻ هتي هي ماڻهو بي جان هيو.

سيڪو پنهنجي وٽ پڪڙ ۾ هو،
الائي ڪنهن جو ٽيٽو ڪو اعلان هيو.

ماڻهوءَ کي ماڻهو ماري هنڻي،
حقيقت هئي يا ڪو بُهتان هيو.

سچ کي سوليءَ تي چاڙهيو ويندو آهي،
ڪوئي سچو انسان اڄ ٽيڙو قربان هيو.

ڏئي قرباني ڪيائين قوم جو سر بلند،
ايڏو وڏو اُن جو ٿيو ڪو احسان هيو.

مئي خاني ۾ رندن رڙيون پئي ڪيون،
ڇا هتي آيو ڄڻ ڪو وڏو طوفان هيو.

ڇو ٿا ڪيو رڙيون ۽ ڪُوڪُون اَڄُ،
ڇا هتي ٽيڙو ڪنهن جي دردن جو درمان هيو.

هن شهر ويران کي ڏسي دل ڏکي ٿي،
هن سهڻي شهر جو مونکي ارمان هيو.

ڪاڏي ويا اُهي سونهن ڀريا ماڻهو؟
جن جي ڪري شهر جو وڏو مانُ هيو.

پراڻا ماڻهو ڇڏي ويا لڏي ويو،
جن جو هوندو مضبوط ايمان هيو.

اويس ”قرني“ مايوس نہ ٿيءُ تون هاڻي،
ضرور ايندو اُهو جيڪو ڏيندو دانُ هيو.

⑧

نيڻ تنهنجا پيچرا تڪيندا هن روزانہ پرين،
نيڻ تنهنجا ۽ منهنجا هڪٻئي جا ديوانا پرين.

تنهنجي نيڻ ۾ صفا ٽٻي ڏئي وڃان مان،
تنهنجا ٻئي نيڻ مون لئہ آهن مئخانا پرين.

جيئن موالي مست هوندو آ مئہ لئہ جاني،
ائين منهنجا نيڻ تو لئہ مست مستانا پرين.

مون کي تات ٻڌايو تہ تون اچڻو آهين،
گهڙيءَ ساري ۾، تنهنجا هيا هاوانا پرين.

جنهن رستي سان تون ايندو آن مون وٽ هلي،
مان تنهنجي پيرن جا چمندو هان نيشانا پرين.

جنهن تنهنجي نيڻن ۾ نهاريو سو گُم ٿي ويو،
تنهنجا اُهي نيڻ لڳندا هن مونکي پئمانا پرين.

جيئن پتنگ شمع تي مست هوندو آ دلبر،
تيئن منهنجا نيڻ هي بہ، توتي پروانا پرين.

اويس تنهنجي انهن لکڻين تي عاشق آ سدا،
”قرني“ توتي لکيا جيڪي آهن افسانا پرين.

⑧

تو سان پيچ پيار جا منهنجا پختا آهن پيارا،
نيڻ توکي ڏسڻ جي لئه آتا آهن پيارا.

تو تان جان کيان قربان او! منهنجا پرين،
تو سان منهنجا پيار وارا پڪا رشتا آهن پيارا.

وڳا ويس تحفا ڏنا تو ڪري سي،
تنهنجا اهي ڏنل ويس مون پاتا آهن پيارا.

پنهنجي شاعري جا سرجي مون تولئه،
ڪري نانءُ تنهنجي گيت ڳاتا آهن پيارا.

مان تنهنجي عشق ۾ ڏاڍو پريشان آهيان،
تو سان منهنجا پراڻا ۽ سُٺا ناتا آهن پيارا.

تنهنجو ديدار مون لئه امرت آهي پرين،
مون امرت جا پيالا تو ساڻ پيتا آهن پيارا.

تون ڇڏي نه وڃجانءِ مون کي اڪيلو،
تو سان مون نينهن جا رشتا لاتا آهن پيارا.

تون سونهن وارن جو بادشاهه آهين دلبر،
اويس "قرني" جا نيڻ تو سان وابسته آهن پيارا.

⑧

عجب عشق هن ساڻ منهنجو لڳي ويو.
ڪري مهرباني هو مون سان ملي ويو.

ملهايا مان اڄ ڇو نہ خوشيون اڱڻ تي،
ڪچهري ڪري آهي ڏاڍي ڀلي ويو.

سڄڻ سيني سهڻن جو سلطان آهي،
ڏِسي هن کي چنڊ آ ڪڪر ۾ لِڪي ويو.

سرور سونهن بخشيندي نينڻ کي آهي،
سندس عڪس آهي اکين ۾ اچي ويو.

جڏهن مون سان محبوب کي گڏ ڏِٺو هُنَ،
ڏِسي تڏهن هي غير آهي جلي ويو.

ڪيان ڪهڙي تعريف پنهنجي پرينءَ جي،
اچڻ ساڻ سارو صحن واسجي ويو.

اويس جون ويون انتظاريون ٿي پوريون،
جو "قرني" جو آ بخت بيشڪ کُلي ويو.

⑧

سدائين ساٿ تنهنجو ۽ حوصلو گهرجي،
تنهنجو مونکي پُرڪشش سلسلو گهرجي.

پري آ، منزل خطرن سان ڀريل راهه،
تنهنجو سدائين ساٿ ۽ قافلو گهرجي.

تون ئي منهنجو غمخوار لاڏلو ساٿي آن،
تنهنجو ئي مونکي مئو پيالو گهرجي.

نانءُ تنهنجو مون لاءِ ماڪيءَ مثل آهي،
جڳ ۾ نانءُ مونکي تنهنجو نرالو گهرجي.

تنهنجي نالي سان منهنجو هجي گڏ،
نالو پرين تنهنجو هاڻي پالهو گهرجي.

زماني ۾ گهڻا ظالم اٿئي خيال ڪجان،
تنهنجي گهر جي دروازي کي تالو گهرجي.

اويس ”قرني“ محبن سان ساڻ هجان سدائين،
دل کي دلاسو ڏيڻ لئہ دلبر دادلو گهرجي.

⑧

سهڻو جي اچي اڳڻ سرهاڻ ڇو نہ ڪجي،
سڄڻ جي سونهن جي واکاڻ ڇو نہ ڪجي.

هو ايندو تہ دل منهنجي مهڪي پوندي،
پوءِ خوشين ڀريو اهو مانڊاڻ ڇو نہ ڪجي.

ڀرين پنهنجي جي خدمت خود پاڻ ڇو نہ ڪجي،
هُن جي راهن تي يار آلاڻ ڇو نہ ڪجي.

هُن جي ايندي ئي سارو گهر چمڪي پوندو،
سڄڻ جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ لالاڻ ڇو نہ ڪجي.

جي گهرائي محبوب پاڻ ڏانهن تہ پوءِ،
پنهنجي پيارن ڏانهن وڃڻ وراڻ ڇو نہ ڪجي.

ڀرينءَ جي خوشيءَ ۾ سدائين، ڇو نہ،
پنهنجي لانڍي ۽ گهٽيءَ ۾ چانڊاڻ ڇو نہ ڪجي.

اويس "قرني" سڄڻ جي لاءِ دل صاف رک تون،
ختم اُها پُراڻي بغض سندي ميراڻ ڇو نہ ڪجي.

⑧

مُرڪ مِنٽا مند مَنَ مُرڪي پرين.
مند جيئن توکي ڏِسي هر ڪي پرين.

چنڊ هو توکي ڏِسي شايد لهي،
مان ڏِسان ٿو توڏي ٿو سرڪي پرين.

پڇ نہ مون کان تون جُدائي جو صنم،
باھہ هڪ آ جا پئي ڀڙڪي پرين.

تنهن ڏي پيي ٿورو سڄڻ ڪجهہ ڏيان ڏي،
تنهنجي زلفن ۾ جو پيو لڙڪي پرين.

هيڪلائي جي نہ پڇ ڪا واردات،
روح تڙپي جسم ٿو ٿڙڪي پرين.

التجائون اڄ ٻُڌي ڪي ”اويس“ جون،
اڄ اڱڻ منهنجو بہ جيئن جرڪي پرين.

⑧

سُورن جي انبارن سان جنگ جوٽي رکٽي آ،
ڊوڙي ۽ ڊُکي هي زندگي بہ ڪنٽي آ.

مان چوان ٿو سُورن کي ساڙي تباهہ ڪجي،
منهنجي اها ڳالهہ اوهان کي هر حال ميٽي آ.

هوءَ ضرور ايندي مون ڏي مون کي پڪ آ،
اَڄُ مون کي هن جي راهہ ضرور تڪٽي آ.

ڇو ٿا اوهين هِنن رهزنن کان ڊڄو هتي،
اوهان کي هنن جي هتان پاڙ پٽڻي آ.

مان هُن جي اڳيان ڪجهه ٻيي تہ ناهيان،
هُوءَ سدائين مون مٿان رهي اُتامڻي آ.

هن جي ڇا تعريف ڪريان مان هوءَ لال آ،
آ، حسنين ۾ حسين هوءَ ڪا، مَن موهڻي آ.

سچ کي ڇٺو ڪنهو ٻڌي وينا هئا شهر ۾،
اوهان کي هنن سان هاڻي جنگ جوڻٽي آ.

ڪلندي ڪلندي مَنُ مُندي ٿي ڇڏي مگر،
سونهن وندي سهڻي ڪا هوءَ پدمڻي آ.

ڪبيون محتبون قربان سنڌ جي لاءِ اَجُ،
اُها ڳالهہ هر دودي جي دل تي لکڻي آ.

مَسَ مَس جاڳيا آهن سنڌوَ جا اهي مالڪ پراڻا،
هاڻي پاپ جي ماڙي هر حال ۾ ڊهڻي آ.

گهمندي ڦرندي ٿي مهڪين ماري اج اويس،
جيئن ڇال ڏئي "قرني" هلندي هرڻي آ.

⑧

سنڌ مٿان پروان هيو راشد مورائي،
محبتون ونڊڻ ۾ مستان هيو راشد مورائي.

سندس اوتاري تي جيڪو بہ ايندو هو،
ڏيندو اُن کي مانُ هيو راشد مورائي.

هن جي حرفن ۾ گلابن جي خوشبو هئي،
ڇن گلن جو گلدان هيو راشد مورائي.

سندس شعرن ۾ ماڪيءَ جو اثر هيو،
شاعريءَ جو وڏو پيمان هيو راشد مورائي.

هيو ڏاڍو محبتي ماڻهو ۽ سچو انسان،
محبتون ڏيڻ ۾ مهان هيو راشد مورائي.

ڪنهن کي بہ ڪين ڏکايائين زندگيءَ ۾،
خوشين سندو سامان هيو راشد مورائي.

اويس ”قرني“ ڇا تعريف ڪيان مان هن جي،
شاعر جي شعرن جو عنوان هيو راشد مورائي.

⑧

سنڌ واسين جو سرواڻ آ، سرمست،
موج سندو مهراڻ آ، سرمست.

سچل سارو سَچُ آ، متي اٿس ٻولي،
حقيقت جو اهڃاڻ آ، سرمست.

سندن شاعري مان اچي خوشبو،
سچائيءَ جي سرهاڻ آ، سرمست.

فقيري جي رنگ ۾ ٿا رنڱجن پانڌيئڙا،
سڀن صوفين جو اڳواڻ آ، سرمست.

هفت ٻولي ۽ حافظ قرآن آهي،
هيرن ۽ موتين جي کاڻ آ سرمست.

پنهنجي پانڌيئڙن سان ويهي صحن تي،
ڪندو روح رهاڻ آ، سرمست.

ڪٽي آس هر سال ايندو آ، ”قرني“،
پڄائيندو هو پاڻ آ، سرمست.

⑧

پرين تو سان منهنجو پڪو پيار آ ستارن کان پڇجانءِ،
ڪندو توکي سدائين ياد آهيان مان، لال ليارن کان پڇجانءِ

جو ڪوئي پيو توکي ڏَس پَتو نہ ڏي تہ پوءِ منهنجو
ڪارونجھر جي حَسين سهڻن آبشارن کان پڇجانءِ

تنهنجو وڇڙ ٽٽي ڪڏهن سنڌو درياهہ تي،
تہ پوءِ سنڌوءَ جي قديم پراڻن، ڪنارن کان پڇجانءِ

تنهنجي ئي ڪري وتان ٿو هن ڪائنات ۾ رُلندو
جي پڇين تہ منهنجو ڪنهن، ڏرتيءَ جي ريگذارن کان پڇجان.

اگر جي ڏسين تون آسمان تي ڪونجن جو ولر تہ پوءِ،
منهنجو انهن ڪونجن جي، تون ڪوڪارن کان پڇجانءِ

مان ٿر جي ڪا، اوساڻ تہ آهيان، اوا منهنجا پرين.
منهنجو ٿر جي مارن بي وس ٻارڙن اُجارن کان پڇجانءِ

توکي روئندي روئندي، ٿو ياد ڪيان مان اوا جاني،
تون منهنجي روئڻ جو حال انهن سِتارن کان پڇجانءِ

ويٺو هان تنهنجي ئي ڪري مئخاني ۾ مان، اَڄُ،
پرين، منهنجو موکي ۾ مئخاني جي متارن کان پڇجانءِ

اويس ”قرني“ تنهنجو آ، تنهنجو ئي رهندو سدائين،
پرين منهنجو تون سرنهن جي پيارن ڦولارن کان پڇجانءِ

⑧

تو سِوا چڪڻ آهي زندگي،
تو بن روئڻ آهي، زندگي.

ڇو ڇڏي مون کي وئين هيڪلو،
سُورن سَهڻ آهي زندگي.

تو لئہ ڪيتريون مون ڪاسنيون ڪٽيون،
باهِ تي نَچڻ آهي زندگي.

ڪڏهن ايندين مون وٽ آخر،
روئي تہ ويهڻ آهي زندگي.

مون کي عشق جي ڦاسايو ڦندن ۾،
مرڪي مرڻ آهي، زندگي.

عشق آڙاهہ آ ڪير نہ بچندو،
آڙاهہ ۾ سڙڻ آهي زندگي.

وَٽُ سبق دودي کان دليريءَ جو
سنڌ لئہ وڙهڻ آهي زندگي.

هِت پيار جا سَپُ ماري ٿَئي،
تن کان بچڻ آهي زندگي.

پنهنجا نِير تون پِي وَڃُ هاڻي،
يارن سان مُرڪڻ آهي زندگي.

اَچي هو جڏهن اڱڻ تي تنهنجي،
پيار جي آجيان ڪرڻ آهي زندگي.

ويهاري پريِنءَ کي پَلنگ تي مان،
حال احوالن جو پڇڻ آهي زندگي.

پيار پنهنجي پرين کان گهرجي،
پرينءَ کان پيار گهرڻ آهي زندگي.

ڪڏهن ايندين تون "قرني" وَٽ،
"درد جي ڏيڻ آهي زندگي."

⑧

ڏات جي ديوي آئي اڱڻ تي سهڻو روپ ڌري،
من ۾ ٿيا خوشين جا چمڪار، چم چم ڏوم متي.

منهنجي دل جي ڌرتي سڪي ٽوٽ ٿي وئي،
هيون هن جون هر دم ساروڻ چاهت چيٽ ڳتي.

مَنُ وسواسي منهنجو اندر ۾ پيو هر هر ڳائي راڳ،
پراوا پنهنجا اوپرا دل اندر ڪيڏو روڳ رتي.

ڏونگر جهڙا ماڻهو ڏونگر سندن سينا آهن بي احساس،
پيرن هيٺان چيپاتي چڙيائون، منهنجي پريت ستي.

بي ڪا بہ شيءِ پڄي پوي تہ ڳنيڻ سولو ڪم آهي،
ٽٽي جي پوي دل تہ اُن کي ڳنڍي يار ڪين ڇتي.

شل رب ڪري منهنجي خوابن جو ساڃاهي سنسار،
هن معاشري جي صورت اهڙي خراب آ، بدتر ڪوڙو تي.

مان جا آهي راهہ وتي ۽ ماڳ ملڻو بہ حسين آ،
ڏسو هن دنيا جا ڍنگ، سا ظلم ڪري چڪڻ ۾ گتي.

خوش آهن ڪارون، هامان، شداد ۽ فرعون پارا موذي،
ڪين ڏين ٿا مسڪينن کي اُهي مال جي ڪا، پَتي.

نيٺ تہ عرض اگهندو مون جهڙي مسڪين جو اويس،
قرني منهنجي ناهي هاڻي هتي جانِ يار سستي.

⑧

اوا مَڏ پيارڻ واري ٿورو آهستي آهستي هَل،
آهي منهنجي منزل تنهنجو ئي هڪ هڪ پَلُ.

تنهنجا نازڪ هٿڙا آهن منهنجي منهن تي،
تون ڪِلندو آهين ائين جيئن ڪِلي گل ڪنول.

تون ڪيئي مسڪين ماري وڏا آهن هتي دلبر،
واهه واهه چوري تنهنجو هي پيارو پيارو ڇَلُ.

تو جهڙي ناهي اَڄُ ڪا سندري محفل ۾ هتي،
ڪهڙو ليکبو هتي، هاڻي ڪو اهڙو ڪاڪ محل.

مَست ٿي تون اڄُ پِيءُ مون اکيان سارو مَڌُ،
پرين تنهنجو ويري ٿئي زماني جو هر پَلُ.

تنهنجي جاءِ ناهي هاڻي هِتان اُٿي جان ڇڏاءِ،
تو رات گذاري هئي، هاڻي ٿي هتان هَلُ.

وساءِ تون مڌ جي ماڪ پنهنجي مٿان اُٿ،
ضرور کلندو تنهنجي ٿي زندگيءَ جو گُل.

حَسينن کان وڌ سهڻي آهين او سَکي،
طبيعت ۾ نازڪ آهين تون آن نرمل.

ڪڏهن ايندين منهنجي اڳڻ تون پيارا،
تنهنجي عشق ڪيو منهنجي روح کي بِسمل.

تنهن ساهه کي ڇو نه باهه لڳائي ڇڏيان،
ناهي جنهن ساهه ۾ قرب وارو ڪوئي ڦل.

رهي ڪيڏو به پري مون کان منهنجو دلبر،
سڄڻ کي پسڻ لئه منهنجو ارادو آ، اٽل.

پرينءَ جون يادون سانڍي رکيم سڀ ساهہ ۾،
حسينن جي ادائن جو مان آهيان ڪُتل.

جانان! جا نيڻ آهن نشيلا نرالا تکا تيرن ڪان،
مون کي وڻندا آهن هن جا نيڻ نياريءَ ڪجل.

هوندو جڏهن سامهون آ سهڻو سجڻ سائين،
ڇن سانوڻيءَ ۾ لڳندو آ مون کي پيارو سرمنڊل.

اڄ رات ڏينهان قلم ۾ پنا هتن ۾ پيو لکان،
توتي لکيا اهن هاڻي ڪيترائي يار گيت غزل.

تو جيڪي مڪا آهن مون ڏانهن خط ۾ تحريرون،
مون وٽ ساريون نشانين جيان آهن سانڀيل.

تون اچ تہ ٻئي گڏجي گهمون هن آڪاش تي،
ڪينڪي روڪيندا، اسان کي هي سارا بادل.

”قرني“ اويس تنهنجو عاشق آهي سدائين،
توکانسواءِ رهي ٿو منهنجو من سدائين هيڪل.

⑧

سڄو ڏيان منهنجو تنهنجي مَڇ تي هو،
مون کي مارائڻ لئہ، وارو توکي بَڇ تي هو.

هو وڏو ڪو شڪاري آ، بازن جيان،
مڇين کي مارڻ جي لئہ، بيٺو رَڇَ تي هو.

پنهنجي پاڻ ئي پاڻ، ڪري پينگ هو،
بيٺو هاٽي منهنجو پرين، اَڇَ تي هو.

ڏسان ٿو پرينءَ کي وينو آ سامهون،
الائي وينو ڪهڙي هو ورچ تي هو.

خودڪشي ڪرڻ جي لئہ نڪتو ٻاهر هو،
آيو سنبري وڏي ڪنهن، يار ڇڄ تي هو.

”اويس“ ڏاڍي سهڻي لڳي اَڄُ ڪاري ويس ۾،
”او سهڻي توکي گهڙو جو ڪڇ تي هو.“

⑧

سدا منهنجي هوءَ روبرو هوندي آ،
اِها ئي منهنجي يار، آرزو هوندي آ.

هوءَ مون تي ڪڪ به نہ آ، سهندي،
سدائين مون لئہ واهرو هوندي آ.

هو پنهنجي محلن ۾ منهنجي مِٽي،
مون سان ساڻ سدائين چار سو هوندي آ.

جنهن بہ پيتو تنهنجي نيڻن جو مَڌ،
هن سياڳي لئہ ٻي ڪا نہ جستجو هوندي آ.

هن جي ڳالهائڻ سان گل ڇڻيو پون،
مٿي ايڏي پرينءَ جي گفتگو هوندي آ.

پرين منهنجو بدنام ٿي نہ پوي اويس،
”قرني“ مونکي رکڻي هن جي آبرو هوندي آ.

⑧

هو ڏس درياهہ جا ڪيڏا نہ سهڻا ڪنارا ٿا لڳن،
پوءِ بہ اسان جا ڏِس، هي مارو سارا اُجارا ٿا لڳن.

ڏسو هي ماڻهو ڪيڏا نہ مضبوط آهن مگر پوءِ پڻ،
مضبوط هوندي زماني ۾ ڏاڍا بي سهارا ٿا لڳن.

بيٺو هان مان هن چئو واٽي، اڪيلو لُڪ ۾ پر،
پاڻيان ٿو تہ سڄڻن جا چارا، مون کي امرت ڌارا ٿا لڳن.

نيٺ تہ اچي نڪتو مون وٽ منهنجو پرين،
پرينءَ جا مونکي اِهي ڏکها وارڪارا، پيارا ٿا لڳن.

وتن ٿا پيرو ڪنيون منهنجا اِهي رقيب سارا،
اهي شيطان ٿا مونکي سُجهن، شرارتي شرارا ٿا لڳن.

جڏهن بہ تون منهنجي سامهون هوندو آهين،
مون کي دنيا جا هي سڀ سهڻا سنا نظارا ٿا لڳن.

اَڄُ "اويس" تہ لِڪو ٻئي ڪنهن اوٽ ۾ اَڄُ زماني کان،
اسان جي پيار جا ويري، اَڄُ اسان لئہ مارا ٿا لڳن.

⑧

تو کان سواءِ ڏاڍو لڇان ٿو مان،
ڏڳن تي ديدار لئہ قِران ٿو مان.

هر هڪ کان تنهنجو پُڇندو آهيان،
انهيءَ تنهنجي شوق ۾ رهان ٿو مان.

جڏهن تون سامهون هوندي آهين،
توکي ڀَسي ڀوءِ سڄڻ ٺران ٿو مان.

تون هجين منهنجي اڳيان منهنجا پرين،
اها ئي دعا رب کان گهران ٿو مان.

تنهنجي ڀَر ڀُٺِ پرين تنهنجي لاءِ،
آءُ دشمن جي مٺان ٻران ٿو مان.

تون غمگين نہ ٿيءُ او منهنجا سڄڻ،
تنهنجا غم بار، باري کڻان ٿو مان.

”قرني“ اويس ايڏو فڪر نہ ڪر تون،
تو وٽ اَڄُ جو اَڄُ ئي اچان ٿو مان.

⑧

مان تہ حسينن جو غلام آهيان ۽ دل محبت واري،
جئين موسم بهاري ۽ هوندي رُت بهاري آ.

مون کي ڇڏي نہ وَڃ منهنجي پاڙي مان لڏي نہ وڃ،
ڪيان پيو ديدار تنهنجو، مون دل پنهنجي ٺاري آ.

ڏک وڏا نہ ڏي مون کي منهنجا سهڻا صنم،
منهنجي دل دردن ڳاري آ ۽ سورن ماري آ.

نہ گهُم ڪارا ويس پائي تون ماڻهو مارينديں،
ڦاسائي ڦندن ۾ مونکي تنهنجي هاڪ چوڏاري آ.

تنهنجي ڪري جڳ سان ڪندو جهيڙا جهتا آهيان،
ڪيان پيو مان ياد توکي پر تو منهنجي محبت وساري آ.

ترسي پَوءُ مون وٽ سڄڻ، ڏينهن ٺاري وڃ تون،
ڏکيو آهي رستو مٿان، تَتل ڪوسي واري آ.

ڪرايو ديدار آ، هُن، منهنجي اکڙين کي پنهنجو،
ائين منهنجي زندگي پاڻ ئي پاڻ هن سنواري آ.

مون کي دردن تپائي تپائي، ساهہ ڪيو آ سوگهو،
اڃي پيڙي دردن واري، پاڻ پرين اَڄُ تاري آ.

⑧

پرين تنهنجي محبت مون لئہ مٺي ماکي مثل آ،
ٿي چاهت تنهنجي، منهنجي لئہ ڄڻ بندگي آ.

تون مرڪين ٿو تہ منهنجي دل بہ هنئڙي يار مرڪي ٿي،
وڻندي تنهنجي اَدا آهي ۽ سادگي آ.

تنهنجي حسن جا چرچا هر هنڌ مشهور آهن،
تنهنجو حسن ۽ جمال مون لئہ تہ نغمگي آ.

سدائين توکي ٿو ڳوليان ۽ توکي ٿو ووڙيان،
توکي ڳولنيدي ڳوليندي دل صفا ٿي آوارگي آ.

اسين ٻَئي پاڻ ۾ هڪ ٻئي لئہ سهارو آهيون،
پرين آ ساهہ منهنجو ۽ ”قرني“ منهنجي زندگي آ.

⑧

ڏسي حُسن تنهنجو ٿي دل مست الست آ پيارا،
تڏهن تہ تو وٽ سِرُ جهڪائي ختم ٿي نوابي آ.

مان هن سان ملڻ لئہ آهيان اَڄُ ڏاڍو بيقرار،
ڪڏهن تہ ايندو آهي، مون وٽ ڏاڍو هو حجابي آ.

تون گُل آن گلاب منهنجي لئہ منهنجا جاني،
تنهنجي نيڻن جو رنگ لال ڳاڙهو گلابي آ.

ڪيو جي پيار مون آهي تہ ڪهڙو گناهہ آهي،
پرين سمجهان ٿو پيار تنهنجو ثوابي آ.

تنهنجو چهرو نُور ڀري ٿو چانڊاڻ ٿي آهي،
”قرني“ صفا لا جواب سهڻو ٻين کان لاجوابي آ.

⑧

ڪرڻ ديدار تنهنجو ئي ايندو آهيان تو وٽ مان،
منهنجي مسڪين دل تنهنجي ديدار جي پياسي آ.

سِوا تنهنجي سهڻا مان هِت اُداس رهندو هان،
تنهنجي يادن ڪيو مون کي ڏاڍو اُداسي آ.

ڏنا تي گهاوَ جيڪي جاني سي ناسور ٿي ويا آهن،
روح سڙندو رهي ٿو ۽ دل نہ ٿي، آ ساسي آ.

تو سان پيار منهنجو ۽ عشق بي انتها آ،
ڪري تو ڏار مون کي بڻايو ڇو الهراسي آ.

ڪڏهن ڪر قرب تون پنهنجو مُنهن تہ ڏيکاري وڃ،
رهان ٿو اُداس مان، منهنجي دل وسواسي آ.

روز ٿو روئارين مون کي ۽ روز ٿو مارين مون کي،
”قرني“ هي بُتُ تنهنجي شهر جو جانان واسي آ.

⑧

جيئن تون مرڪندو آهين گلابن جون پتيون ڇڻن ٿيون،
پرين تنهنجي مرڪڻ سان جرڪي زمين مند مهڪي آ.

ٻڌايو تات آ مونکي، اَڄُ تون اڇڻو آهين،
تڏهن تہ پر پٽ تنهنجي دلڙي ڌڙڪي آ.

حسينن کان حسين آهين ڪرين سينگار ٿو جڏهن،
ڏسي ديد منهنجي توکي ۾ اک بہ جرڪي آ.

تنهنجي شوخ ادا چنچل انهيءَ سان پيار آ،
تڏهن تہ دل آتي آ، توتي دل هرڪي آ.

تون غيرن سان گهمندو آهين ڏک اهو ئي آ،
منهنجو اندر سڙي ٿو، اندر ۾ باهہ ڀڙڪي آ.

ڪيئي اُڏاريم ڪانگ قاصد تنهنجي پسڻ لئہ،
توکي هر هر "قرني" ساري پساري اک بہ ڦڙڪي آ.

⑧

تون هجين مان هجان چار چاندوڪيون،
ڪيون ڳالهيون پيار جون، ڪچهري قرب ضروري آ.

اچي مونکي پنهنجو منهنڙو ڏيکاري ويندو ڪر جاني،
اجايو پيارا مون ڪان، ڪئي چو تو دوري آ.

تون سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهين جيڏي،
تون سونهن جي ملڪ آهين ۽ حور پري آ.

سداد مون سان رهندين گڏ جي منهنجي زندگاني ۾،
سِوا تنهنجي چوان ٿو منهنجي زندگي اڌوري آ.

سجڻ جي حُسن جو ديدار ڪرڻ ۾ مزو ئي الڳ آ،
جيئن مئخاني ۾ رندن ڪان مئہ ڪانہ وِسري آ.

عشق ۾ ڪونج سيني ڪان اڳ ۾ اڳري آهي ساجن،
منهنجي تو سوا هاڻي ڪين "اويس" سري آ.

⑧

دهشت جو راڪاس سر عام، اَمن ڪِٿي آ.
انسانن جو هتي قتل عام، اَمن ڪِٿي آ.

ڏسي پُرخطر راهون دنگ رهجي ويس،
ڪري روز ڪربلا ورتو اٿن انعام، اَمن ڪِٿي آ.

ٻُکيا پيٽ، اَنگ اُگهاڙا ۽ عزت نيلام،
اڄ هر هنڌ لُٽجي ٿي سام، اَمن ڪِٿي آ.

پوڙها، ٻَڪا معصوم ڪُنا ۽ آواز اُٿيا،
ياحسين، ڪربلا ٿي عام، اَمن ڪِٿي آ.

ڪشمير، افغانستان، پاڪستان ۽ ايران،
رَت ۾ ٻُڏل فلسطين، عراق شام، اَمن ڪِٿي آ.

مشرق، مغرب جي پُڪار، هَلْ مِنْ نَاصِرَ يَّنْصُرُنَا،
ڪر ڪا مدد وقت جا امام، اَمن ڪِٿي آ.

ڏِڪاءَ جا سفير هر هَٿُ شِمر جو آ،
اويس "قرني" ٿئي ڪو اِلهام، اَمن ڪِٿي آ.

⑧

اوا سهڻا هيڏي پيار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر،
ڏيکاري وچ منهن سنسار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر.

وتان ٿو تولہ رڙيون ڪندو هِن زماني ۾،
نہ ڀوڙ منهنجي دل ڪي تار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر.

هيڏي مستي نہ ڪر مون اڳيان اوا سنگدل،
ڪجھہ نہ رهيو اٿئي انڪار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر.

آءُ هَلي ڪرائي وچ ديدار مون ڪي،
مزو ڏاڍو اٿئي الفت اظهار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر.

ڏس ڪڏهن ايندين منهنجي اوتاري تي،
ڪري هاڪار پوءِ هاڪار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر.

هڪڙي جهلڪ لاءِ سڪائين چو ٿو سڄڻ،
اچي ڪراءِ ديدار پنهنجو ديدار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر.

سونهن ۾ سهڻو آهين تون اويس "قرني"،
سَرسُ آن تون سينگار ۾، ٽِڙ مِڙ نہ ڪر.

⑧

توکان سوا، رُلي زندگي وئي،
تون جو آئين ملي زندگي وئي.

تون منهنجي روح ۾ آن، سمايل،
مون سان ملين کلي زندگي وئي.

هاڻي ڪين رهبو ڏار ڪڏهن،
تنهنجي سامهون کُلي زندگي وئي.

تنهنجو قسم توکي هاڻ نہ ڇڏبو،
تنهنجي ڪري آ، مِلي زندگي وئي.

جڏهن بہ تون نہ ايندين مون وٽ،
اويس ”قرني“ اُن مهل هَلي زندگي وئي.

⑧

تنهنجو چهرو صفا حسين مهتاب آ،
ها سهڻن ۾ وڏ سهڻو لاجواب آ.

تنهنجا نيڻ ڏاڍا تکا هن ۽ تيز،
جيئن نظرن ۾ تيز هوندو عقاب آ.

تنهنجي پرين نيڻن ۾ لالائي آ،
جيئن کو رنگ ڳاڙهو عُناب آ.

تنهنجي جواني ۽ جوڀن ائين آ جيئن،
الڙهه جوانيءَ جو مست سارو هي شباب آ.

تنهنجي هيءَ حسين لوڏ ماري ٿي وجهي،
مون جهڙا مسڪين کهي کندو ڪباب آ.

تنهنجي مست جواني ڪيئي ماري وڌا امير،
تنهنجي اڳيان جهڪيو بادشاهه ۽ نواب آ.

اويس ته تنهنجي حُسن جو پوڄاري آ،
”قرني“ پلا کهڙو ڪبو عشق ۾ حساب آ.

⑧

تنهنجون ساروڻيون وسارڻ ڏاڍو ڏکيو آ،
توکي هڪ نظر ڏسڻ لئہ روح ڏاڍو بکيو آ.

ڏاڍو ڏور هليو وئين تون مون کان پرين،
الائي ڪڏهن ٿيندو ميلو تو لئہ رستو تڪيو آ.

تنهنجون يادون هر دم اچن ٿيون مون کي،
ڇا جي ڪري تو منهڙو مون کان پيارا مٽيو آ.

هي جيون ڪهڙو جيون جنهن ۾ تون نہ آهين،
تون جي آهين تہ پوءِ هي جيون سُکيو آ.

تون ٿورو هي ڪتاب پڙهي ڏسجان جو،
لکي سارو احوال مون تو ڏي مُڪيو آ.

سنڌو تنهنجي سينڌ جو قسم آ مون کي،
تنهنجو سارو احوال شاعريءَ ۾ لکيو آ.

”قرني“ تنهنجو عاشق آ، عاشق ئي رهندو،
ڇو منهنجي دل کي تو زماني ساڻ رَليو آ.

⑧

تنهنجي ساهن ۾ جو ڏاڍو هُبڪاءُ آهي،
تنهنجي نيڻن ۾ نور جو وڏو شعاعُ آهي.

پرين تنهنجي اکڙين جون تجليون تيز هِن،
جڻ باهِ جو ڪو سامهون اَلاءُ آهي.

تنهنجا ابرو دوڌاريون شَمشيريون هِن،
جڻ ڪليل شمشيرن جو هتي تاءُ آهي.

ههڙو هتي ڪنهن سان ورتاءُ نہ ٿئي،
جهڙو ٿيو مون سان هِتي لَڪاءُ آهي.

ڇو ڇڏي وئين مون کي هتڙي تون،
مون ڪئي زندگي تنهنجي نانءُ آهي.

منجهند تاڪ ٿي وئي آهي پيارا،
ٿورڙو ترسي پوءِ ڪوسو واءُ آهي.

سگهو ڪر ورڻ جي تون اچ، دلبر،
”قرني“ جدائي ۾ پريو لڙڪن جو تلاءُ آهي.

⑧

اسان جي پيار جا هوڪا، جت ڪٿ هُليا هِن،
اسان جي پيار جا رستا پيا ڪُليا هِن.

ڏسي پيار اسان جي جا سارا رستا،
ساڙ سڙيا ماڻهو ڏاڍا سڙيا هِن.

صبوح ۽ سانجهي ساڻ هوندا هُون ٻئي،
پوءِ ٻي پنهنجا نيڻ، ڪين پَليا هِن.

اڄ ديدار تنهنجو ڪو نہ ٿيو آ، مون کي،
الائي ڪهڙا وِسوسا وهم دل ۾ اُٿيا هِن.

پنهنجي هِن پيار خاطر اسان ٻنهي هِتي،
آمهون سامهون پنهنجا گهرڙا اڏيا هِن.

جڏهن ڪيٽن ٿو نيڻ خُمار منجهان تون،
مون جهڙا مسڪين ڪيئي تو هر هر سٽيا هِن.

”قرني“ تنهنجا وار ٿا، وار ڪَنِ اسان تي،
”اسان وار اونده جا ويڙهي ڇڏيا هِن.“

⑧

سنڌ سموري سون پري، سينگار مرشد گهوٽ لطيف،
سونهن پريو هو سرڪار مرشد گهوٽ لطيف.

سالهون سال ٿا ايندا رهون پٽ ڏٽي تي،
صوفين سندو نيڻن ٺار مرشد گهوٽ لطيف.

جڳ مشهور شاعري جنهن جي زير زبر ۽ پيش،
عقل، فهم ۽ علم جو شاهڪار مرشد گهوٽ لطيف.

وڪ، وڪ جي چاڙ هيس ڪڇو ڪاڇو ۽ هنگلاج،
جوڳي جهانگين جي پڪار مرشد گهوٽ لطيف.

هزارين ماڻهو روز اچن ڪٽي گلن جا هار،
مزار جي هر ڪنڊ ۾ هٻڪار مرشد گهوٽ لطيف،

زاهد، عابد، عالمن جو سچو سرواڻ آ،
صوفين، سگهڙن ۽ شاعرن جو معمار مرشد گهوٽ طليف.

اويس "قرني" آ پانڌيئڙو ۽ پيروڪار،
آهي قوم سندو سهڪار مرشد گهوٽ لطيف.

⑧

شاعرن جو سرموڙ شاعر آ، مرشد گھوٽ لطيف،
رهبر سنڌ صفا ظاهر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

هن جي آستاني تي جو آيو تنهن جھول آ ڀريو،
صوفي منش انسانن لئہ طاهر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

ڪيائين اڇي آباد ڀٽ جي ڀلاريءَ ڀونءِ کي،
حقيقت ۾ وڏو شاڪر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

ڏنائين درس مارن کي محبت ۽ انسانيت جو،
ساري انسانيت لئہ وسيلو واهر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

تاجيءَ ڀيٽي سچو سيد آهي، منهنجو لطيف،
پنجتن جي پياري پاڪر ۾ آ، مرشد گھوٽ لطيف.

سندس آستاني تي ڪيئي مسڪين مارو رهن ٿا،
مسڪين ماڻهن جو حامي ناصر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

ڪيس پنهنجا فقير ڏاڍا پيارا لڳندا آهن،
هو پنهنجي فقيرن تي فاخر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

جت وجداني ڪيفيتن ۾ سحر طاري ٿئي،
پراون کي پنهنجو ڪرڻ ۾ ماهر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

هنگلاج جيلسمير هند سنڌ جو سير ڪيائين،
اويس "قرني" وڏو هو سائر آ، مرشد گھوٽ لطيف.

⑧

هُوءَ ڏاڍو اُداس هُئي، جائي پائي
ڪنهن ڪان چڙ نراس هئي جائي پائي

چانڊوڪي رات ۾ پنهنجي اڱڻ تي
پرين لئه رکيون ويٺي آس هُئي، جائي پائي،

هُن کي الائي ڪنهن جي نظر لڳي وئي،
هاڻِ لڳي پئي اتهاس هُئي، جائي پاي،

ڀريان ڏاڍي سُٺي لڳندي هُئي وينگس،
هاڻ هر ڪنهن لاءِ خالي گلاس هُئي، جائي پائي،

ويٺي هُئي هُوءَ ڪوٺي تي سينگار جي،
ڪنهن جو نه رهيو وشواس هُئي جائي پائي،

مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو هُن کي ڏسي،
هاڻي ته لائق احساس هُئي، جائي پائي،

هوءَ رقص ڪري ڪري ٿڪجي پئي آهي،
مئي خاني ۾ وڪريل تاس هُئي، جائي پائي،

اچي مئخاني مان ته ٿڪو هان ڏاڍو
هُن کي ڏسڻ جي مون پياس هُئي، جائي پائي،

هَر وقت مون کي وڻندي هُئي، هُوءَ
”قرني“ نيڻن جو آساس هُئي، جائي پائي،

⑧

# صنعت بي نقوط

هو سهڻو ڊِل لئہ سهارو آ، هر دم،
روح لاءِ هو هاڪارو آ هر دم.

ها ڊِل لئہ هو آ، اطهر سدا سرسُ،
سدا ملوڪ سهڻو ماه رو آ، هر دم.

ها، هو ساحل آ، ساگر سَرُ گهڻو،
گُلالِ گُل ڊِل لئہ سو سگهارو آ هر دم.

سرسُ سهڻو آ، سدا هو عامل ڪامل،
لال ساگر سدا، گهڻو سر سارو آ، هر دم.

ڪول ڪو در ڪرم سائل لئہ سرسُ،
گهڻو مُلڪ سارو دل لئہ مارو آ، هر دم.

سدا ڪُوڪار آ، ڪوئل آڪاس واهر لاءِ،
ڪر ڪرم سدا ڪوئل لئہ ڪرڻ وس واهر آ، هر دم.

⑧

تنهنجي آهي مست جواني واهه ڙي اوهه.
تنهنجو ناهي ڪو مَٽ ثاني واهه ڙي واهه.

تنهنجي آهي محبت موهي مست ڪيو،
تو ڪئي آهي دل ديواني واهه ڙي واهه.

تنهنجا جلوا مون ڪي جڳ ۾ جيارن ٿا،
تنهنجا مون تي ٿورا جاني واهه ڙي واهه.

تنهنجن ٿهڪن ساڻ ٽڙي ٿا گل پون،
مڪڙين تي تو ڪئي احساني واهه ڙي واهه.

پنهنجا نيڻ وڇايان تنهنجي آمد تي،
مُرڪن ساڻ ڪيان مهماني واهه ڙي واهه.

حوب فلڪ جي چنڊ ستارن ڪي پيارا،
حسن تنهنجي تي آ، حيراني واهه ڙي واهه.

بادشاهي ڪان بهتر آهيان پائيندو،
تنهنجي در جي درباني واهه ڙي واهه.

منهنجي دل جي هاڻ ته ساري دنيا تي،
سونهن تنهنجيءَ جي آ، سلطاني واهه ڙي واهه.

اويس ”قرنيءَ“ ڪي ٻه ڏئي وئين دل سان تون،
دل واري اي دوست نشاني واهه ڙي واهه.

⑧

وقت جي گهڙي ايڏي مُنجهيل ڇو؟
انسان جي زندگي هر دم آ، ڌتل ڇو؟

هڪٻئي جا سُور ونڊي ڏيون آڌت هر وقت،
ڇاتين ۾ آهن نڱين جا ڪوڙن جا پالا ڪتل ڇو؟

ڪيون ڇو نہ ٿا عزت هڪٻئي جي اسان،
اسان جي دلين تي زنگ جا ليپا لڳل ڇو؟

ڪيون اهڙو ڪو رستو جو ٿئي سرهائي،
هتي هڪ ٻئي جي لاءِ سدائين مقتل ڇو؟

وتون ٿا هر هڪ جو رستو سوڙهو ڪندا،
اسان وٽ منافقت ۾ مستي متل ڇو؟

ڇو رشتن کي آهي باهہ ساڙي وئي هِتي،
اسان جي اکين جو پاڻي آ سُڪل ڇو؟

اسين جيئرا آهيون هتي ائين ڇئون ٿا،
اسان جو اويس ”قرني“ ضمير آ، مئل ڇو؟

⑧

سدا منهنجي هوءَ روبرو هوندي آ،
اها ئي منهنجي يار آرزو هوندي آ.

هوءَ مون تي ڪڪ به نه آ، سهندي،
سدائين مون لئه واهرو هوندي آ.

هو پنهنجي محلن ۾ منهنجي مٽي،
مون سان ساڻ سدائين چار سو هوندي آ.

جنهن به پيتو تنهنجي نيڻن جو مڌ،
هن سياڳي لئه ٻي ڪا نه جستجو هوندي آ.

هن جي ڳالهائڻ سان گل ڇڻيو پون،
مِٺي ايڏي پرينءَ جي گفتگو هوندي آ.

پرين منهنجو بدنام نه ٿي پوي اويس،
”قرني“ مون ڪي رکڻي هن جي آبرو هوندي.

⑧

هو الائي جي چڙيو آ، ڳالهہ آئي پائيءَ تي.
مون کي هُن تڙيو آ، ڳالهہ آئي پائيءَ تي.

الائي مون کھڙيون خطائون ڪيون اَجُ،
هُن روح کي صفا رهڙيو آ، ڳالهہ آئي پائيءَ تي.

آءٌ تہ هُن جو سڄڻ آهيان اصل کان،
هو مون سان وڙهيو آ، ڳالهہ آئي پائيءَ تي.

يارو مون سان گڏجي هلو منهنجي پرين ڏي،
پرين مون تي زور مڙهيو آ، ڳالهہ آئي پائيءَ تي.

هو ساڻ ڪنيون ٿو وتي منهنجا رقيب اَجُ،
پرين منهنجو نہ مُڙيو آ، ڳالهہ آئي پائي تي.

ايذا سُور ڇو ٿو ڏئي مون کي اَج زماني ۾،
مون سان هو اڄ لَڙيو آ، ڳالهہ آئي پائيءَ تي.

اويس ”قرني“ نيٺ تہ لهندو ضِد تان هُو اَجُ،
هُن جنگ جو جهنڊو کوڙيو آ، ڳالهہ آئي پائيءَ تي.

⑧

وڙهي وڙهي نيٺ ٿڪي ويندا سين،
ٻوڙي ٻُڪي ضد تان لهي ويندا سين.

هڪبئي سان ملڻ جي لئہ اسان،
پاڻ ڏانهن هر هر ڪهي ويندا سين.

اسين ڇو ٿا پاڻ ۾ وڙهون ۽ ڇالاءِ،
نيٺ تہ ايندي عُقبا، ڊهي ويندا سين.

زندگاني ٿورڙي بچي آ، اسان جي،
پاڻ ۾ قرب وارا پهر وهي ويندا سين.

جي ڪِريا اسان مٿان غمن جا پهاڙ،
سي هِن زندگي ۾ اسان سَهي ويندا سين.

پاڻ ۾ اهڙو ڪيون پيار جو سدا،
رقيب جي دل تي ڏاڪو هٽي رهي ويندا سين.

جي ايندين اڱڻ تي تنهنجا ٿورا "اويس"،
حال غريبي پياري توکي مَهي ويندا سين.

⑧

ڪنڊڙي وچان موتين جيان تہ پوءِ سَهيڙي ڇَڏ،
تنهنجي ٻُچڻيءَ جو هار آهيان مونکي ميڙي ڇڏ.

تو سان ساڻ هلندس، اِي منهنجا يار سڄڻ،
نہ پير سان ٺُڏي هيڏي هوڏي هر گز نہ ٽيڙي ڇڏ.

جو سونهن وارن جو سلامي آ، ان کي آ سلام،
ظالمن سان سدائين جنگ ۾ جهيڙو تون جهيڙي ڇڏ.

اماوس جي راتين ۾ شمشيرن جيان سَلَ ڪڍي،
ٽي ڏيئا ۾ ڏيئاٽون روشنيون وک وک پکيڙي ڇڏ.

ڏينهن ڪي پيندا هٿڙ سنو سؤڻ ناهي پيارا،
مست موالي ۾ رندن کي زمانا، تون نہ ڇيڙي ڇڏ.

گذريل وقت کي دل تان وساري ڇڏ تون پرين،
ڇُنل ڦٽ فراق جا، تون منهنجا مِٺا نہ اُڌيڙي ڇڏ.

”اويس“ پنهنجي پيار جا، هي ساوا سلڙا تون، مگر،
ٻين جي چوڻ تي يار، ڪين تون اکڙي ڇڏ.

⑧

# طويل غزل

تو سان جيئڻ مون اک ملائي،
پنهنجي عُمر سڄي مهڪائي.

تو سان پيار ڪيان ٿو آئون،
دنيا ڪي مون ڳالهه ٻُڌائي.

مون کي پڪ آ، تون به سچي آن،
مون وٽ تولئہ ڪا نہ ٻيائي.

تو نہ ڪڏهن مون کي موٽايو
جڏهن جڏهن مون واڳ ورائي.

مون کي سُڌِ هُئي مون وٽ ايندين،
مون لئہ آ، راهہ سجائي.

تون سُهڻن کان سُهڻو آهين،
تو آڏو دنيا شرمائي.

تو وٽ پياس ڪٽي آيس مان،
۽ تو منهنجي پياس مِٽائي.

تنهنجي سونهن جو عاشق آهيان،
تنهنجي روپ ۾ آهه سُهائي.

مون کي تنهنجو درشن گهرُجي،
تنهنجي ديد جو مان سودائي.

جڳ سان مون تو ڪاڻ ڦٽايو،
پر تو مون سان ڪانه رهائي.

مان عاشق معشوق تون منهنجو،
مون سان ڇڏ تون هاڻ پڪائي.

ڇڏ هاڻي تون مون سان ماٺا،
مونکي آهي تانگهه سوائي.

ڪيڏو ڏور ڪان آيو آهيان،
مون سان تو نه رهاڻ رچائي.

ماڻهو پاڳل ڪوٺن مون کي،
مون تو لئه پهچان وڃائي.

سون برابر توکي توريان،
تو لئه سون جي نَٿَ گهڙائي.

ايڏي ڪاوڙ ڪانھ چڱي آ،
رَس ۾ ڪيڏي آھ چڱائي.

آءُ تہ هَلون ٽا ڪارونجھر تي،
جاتي روپي جي رعنائي.

تنھنجي ٽور تي مور نچي ٿو
توتي بادل ٽِڪَ ٽِڪائي.

تو مون ڪي آ، مَڏُ پياريو
مون توکي مُندي پارائي.

پياڳِن ڪان وِڪَ ڪا نہ پُڳي پَئي،
رِندن جي ٿي هُئي رُسوائي.

رَقاصہ جا ناٽ ۽ نَخِرا،
ڇم ڇم، ڇم ڇم ڇير ڇمڪائي.

ٿر جا مور اُجارا آهن،
ٿي وئي آهي ٽوٽُ ترائي.

ووڙيان ٿو جھر جھنگ جبل مان،
چنبڊ تارن ۾ ديد ٽِڪائي.

تو وَٽِ پُڇتس تاسو پياسو،
تو چو منهنجي دل ٽڪرائي.

ڪو نہ حُسن تي بانور سُونهين،
تو چو منهنجي ننڊ ڦٽائي.

ايڏو ڏک نہ ڏي تون مون کي،
مون آ، تو ۾ آس لڳائي.

وک وک مون تو ساڻ وفا ڪئي،
پر تو مون سان ڪانہ رهائي.

تنهنجي ڪلڻ سان گل ٽڙن ٿا،
تنهنجي وائي پوئرن ڳائي.

ڪاوا ڪاوا منهنجا رستا،
ماڻهن منهنجي راهہ رَنڊائي.

ڪنهن کي دانهن ڏيان دنيا جي،
جنهن ڪئي منهنجي غرق ڪهائي.

بي علمن سان بحث اجايو،
بي عقلن تي خار اجائي.

ڪيڏيون آزيون نيازيون ڳن هُو
پر نه اُنهن ۾ آهه سچائي.

منهنجي منٿ ڪٽي مَجُ پيارا،
هاڻ ڦِٽي ڪر تون ارڏائي.

ڪين پري ڪر پاڻ کان مون کي،
هڪڙي رات رَهڻ ڏي ڪائي.

دل نه پَلي وَڃُ مون کان پنهنجي،
منهنجي سِڪَ ڪي ڪر نه توائي.

تنهنجو عاشق آئون اَزل کان،
تو سان منهنجي آهه سچائي.

مسڪينن ڪي ڪر نه ڪُهڻ جي،
رَکُ پيارن تي مِهر سوائي.

تنهنجو پيار مليو ڏوُ تي ويو
سالن جي تو بُکَ لَهائي.

پُر پيالو پيار جو پيتم،
پيارن منهنجي اُڃ اُجهائي.

تو جو مون ڏي هَٿُ وڌايو،
مون پي تو ڏي دل سِرڪائي.

ميرو ناهي پيار اسان جو،
ميري ناهي پنهنجي وائي.

پاڻ ٽياسين هڪ سَدا لئہ،
ڏک ڏهجن کان جان ڇڏائي.

ٻيڙي تي درياهہ ڪناري،
چولي چولي ڏي واڏائي.

آءُ حُسن سر ڪار جي آڏو،
پنهنجي آهي سيس نِوائي.

تنهنجي خاطر سڀ سان جهيڙا،
تنهنجي خاطر خلق ڪِلائي.

دَر دَر آئون وتان ٿو ڦرندو،
رانجهو ٻڻجي بين وڄائي.

دل جو حاتم طائي آهيان،
چاهي ڪيسي منجهہ نہ پائي.

مون کي توسان ڪانہ شڪايت،
سڪ آ منهنجي ڪل لَهائي.

منهنجا دشمن توکي پيارا،
اندر ۾ تو آڳ لڳائي.

تنهنجا انگل آر ڪٽان مان،
تو لئہ مون ست مار ڪٽائي.

چند لِڪي ويو ڪڪرن پويان،
تو ماٽِي بديا چمڪائي.

وار نہ ها، چڙ ڪاريهر ها،
ڦَرِڻ ڦَرِڻ تي تو ڦٽي ورائي.

اَبرو ها يا تلوارون ها،
آهہ غريبان قهر خدائي.

پيار ڏئي دل مٽبي ناهي،
چو مون کان تو نظر ڦيرائي.

تنهنجي مون کي ڪانہ خبر آ،
مون وٽ تو لئہ ناهہ ٻيائي.

بُتَ ۾ رَهي سُور تو هر دم،
عشق ويو آ، جوڀن کائي.

مستن سان ليکا نہ کبا هِن،
مستن جي کنهن دل نہ رنجائي.

تنهنجي رشتيدارن مون کي،
آهہ کيو اڄ يار توائي.

تنهنجو مٽ گهرو مان ناهيان،
تنهنجو آهيان آئون ٿنائي.

مون کي روڳ ۽ سوڳ نہ ڏي تون،
عشق آ منهنجي تند تپائي.

آءُ نہ چٽان دنيا داري،
عشق ڪان مونکي واند نہ کائي.

تنهنجي قُرب ڳڙي ۾ آهيان،
تو پنهنجي هر ڳالهہ مڃائي.

ايڏو ضِدُ چڱو کو ناهي،
تنهنجي هوڏ آتم دل گهائي.

تو بن منهنجو جيئڻ کهڙو
ماريندي مونکي تنهائي.

توڙ نہ منهنجون خوشيون منڙا،
تو سان منهنجي آ، سرهائي.

منهنجون مستيون هاڻ مري ويون،
منهنجي ميس اٿئي مارائي.

پنهنجو واعدو پاڙ سِگهو تون،
ڏک کان پايان آءُ رِهائي.

تو سان عشق جو ڍارو اُچلي،
مون آ، پنهنجي جان وڃائي.

تنهنجي مرڪن ٺهڪن گڏجي،
منهنجي آهي جوت ٻڏائي.

اوا! دليون چورائڻ وارا،
تو آ منهنجي دل چورائي.

کهڙو شاعر ميڙ منجهانءِ
موري جو راشد مورائي.

استاد، بشير، نواز سچاڻين،
صحرائي، پيرل سيتائي.

آءُ ته چند سان ڳالهيون ڪريون،
ڪنهن تارن سان عيد ملهائي.

تون جي ايندين منهنجي اڳڻ تي،
پائيندس مان تنهنجي پلائي.

جي تو قول نه پاڙيو پنهنجو،
چوندس تو ۾ آهي ڪُپائي.

اڄ مان ڏاڍو خوش خوش آهيان،
تو آ، منهنجي دل پرپائي.

اهڙن نيڻن جا ڳُڻ ڳايان،
جن ۾ هوندي آ، لالائي.

مان چاهيان ٿو پل نه پري ٿي،
مون کي ماريندي آ، جدائي.

آءٌ ثناگر تنهنجو هڪڙو،
هڪڙو تنهنجو مان سودائي.

پيارن سان هي لاپرواهي،
ايڏي نهندي ناهه پڪائي.

صبر جو ڦر مِٺو ٿيندو آ،
محنت جي سڀ آهه ڪمائي.

اڄ جو آءُ نشانبر آهيان،
منهنجي پيار جي آهه چٽائي.

منهنجي دروازي آئين تون،
منهنجي آ، تو عزت وڌائي.

منهنجي سَهڻ ڪان ها جي ڳورا،
سُورن ڪان تو جان ڇڏائي.

آءُ چمي دل جي دفتر ۾،
تنهنجي آ، هر ڳالهه هنڊائي.

توڏي ڏوهه نه منهنجو آهي،
مون ۾ ڪائي هئي اُٽائي.

آهي ڏک لڳو ڪاپاري،
ڪاري چوٽ هان ويٺو ڪائي.

جنڊي جي ڪٽ ورتي هُن لئہ،
ٽُڪ جي رلي آهہ سِبائي.

مَس پرتو آ، منهنجو جاني،
مَس هُن دل منهنجي ريجهائي.

مَس هُن منهنجي ڳالهہ مڃي آ،
مَس ڇڏي هُن آهہ رُڪائي.

گُفتن مان اڄ گل جَهڙن ٿا،
ڪير ۾ جهڙو ڪنڊ مٺائي.

مون ڪي تنهنجي مرڪ جو سَنهن آ،
تو سان منهنجي آهہ سچائي.

لکيا جيڪي شعر مون توتي،
تن ۾ ڪائي ناهہ ڪچائي.

جيڏا وات ها اوڏيون ڳالهيون،
جن تي ڪئي ڳن ڍار نہ ڪائي.

سارا ڏوهہ قبول ڪيان ٿو،
ڪهڙي ڪريان پيش صفائي.

لوڪ جا طعنا ٽُنڪا سَهبا،
لوڪ جي فطرت آهه اِهائي.

هُن جا ڳُڻ ڳائيندو رهندس،
هُن هر پَل مون ساڻ رهائي.

مان هان وهم سوڙيل ماڻهو،
وهمن کان هُن جان ڇڏائي.

دل ۾ هن مهراڻ جون اُڇلهون،
پيار اسان جو موج دريائي.

پاڻ کي ڇا مان ڇاڻي سَمجهيو،
نظر اسان جي چِٽَ وڃائي.

رقاصہ جا پير ها قابُو،
پيرن ۾ هئي ڇير ڇمڪائي.

ڪاڏل هان ڪَپُرن جو اڳ ئي،
ڇڏيو آهي زهر وڃائي،

ڪُوريءَ ۾ هَڏُ ماس سَڙي پيو،
ڪنهن نہ آ، اهڙي باهہ دڪائي.

آهن هاڻي قول قولاريا،
باغ ۾ ڏسجن ٿا باغائي.

تنهنجي اک اِشاري منهنجي،
نانگ جيان آ، ديد نچائي.

تنهنجو روپ نيارو جڳ کان،
جڳ کان تنهنجي سونهن سوائي.

توبن جيون دوزخ جهڙو،
بهشت آ، تنهنجي ٻک ۾ جائي.

تنهنجا خواب ڏسڻ ٿو چاهيان،
تنهنجي يادن ننڊ ڦٽائي.

چاهت ڳٺَ کان ٻاهر منهنجي،
توين ڪاسن، ڪانهه پرائي.

منهنجو مول متو هي آهي،
مون وٽ ڪنهن لئہ ناهہ ٻيائي.

"قرني" اويس هي سُورن ماريو،
پنهنجي دل هن پاڻ جلائي.

⑧

منهنجي محبوب جهڙو ڪنهن جو ڀي سينگار نہ آ.
منهنجي دلدار جهڙو ڪنهن جو ڀي دلدار نہ آ.

منهنجي مننار سندو پيار نرالو جڳ کان،
ڪنهن جي سهڻي، منهنجي دلبر جيان ڪيو پيار نہ آ.

مان پنهنجي يار جي ڇا، حُسن جي تعريف ڪيان،
منهنجي دلدار جهڙو ڪنهن جو هتي يار نہ آ.

منهنجو محبوب جيئن زلف سنواريندو آ،
ايندي وارن جي ڪرڻ ڪنهن کي هيئن سنوار نہ آ.

پنهنجي محبوب جو مان شهر ڇڏي ڪاڏي وڃان،
مون کي هن شهر جيان ايندو ڪٿ قرار نہ آ.

ننهن کان چوٽيءَ تائين دلبر آ، حسينن کان حسين،
ڪنهن جي رُخ ۾ منهنجي جانيءَ جهڙو جنسار نہ آ.

هو تہ جنهن وار مون سان اويس اچي آ ملندو،
سچ ”قرني“ اهڙو ڏيندو ڪو ٻيو وار نہ آ.

⑧

# ڪافي

بيٺو آهيان مان تنهنجي انتظار ۾،
مزو ايندو آ، ڪيڏو تنهنجي پيار ۾.

روز راهون ٿو تَڪيان مان تنهنجون،
ڪو نہ ٻُڌندو آهين دانهون منهنجون،
چين ايندو آ، ڏسي مَنَ بيقرار ۾.

جدا تو کان مان اڪيلو تہ آهيان،
سهڻا توکي پيو مان چاهيان،
راضي ٿيندو آهيان تنهنجي ديدار ۾.

ايندو آهين ٿين ٿيون بهاريون،
لهي وڃن مَنَ جون مونجهون ساريون،
هڪڙو آهين پيارو تون سنسار ۾.

اويس "قرني" ڪڇهريون ڪجن ڪي،
روز ايندو تہ ڪر منهنجي اڱڻ تي،
ڏينهن رات رهان ٿو تنهنجي تار ۾.

## مصنف جا ڇپيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| .1 | نيرانا ئي نيڻ | شاعري |
| .2 | ڳل نہ سُڪا ڳوڙها | شاعري |
| .3 | نيڻ پرينءَ جي آسري | شاعري |
| .4 | وفا جي رِڻ ۾ | شاعري |

## ايندڙ ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| .1 | نِندا ڪا نيڻ (شاعري | شاعري |